
"خاڪيءَ"
سندو
خيال
سرجيندڙ
ميمڻ محمد صابن "خاڪي" پنجموراڻي
گلزار علي "شاڪر" ميمڻ

”خاڪيءَ“ سندو خيال

سرجيندڙ

ميمڻ محمّد صابن ”خاڪي“ پنجمورائي

سهيڙيندڙ

گلزار علي ”مسافر“ ميمڻ

بزمِ اعجاز

نيو سعيد آباد، ضلع مٽياري سنڌ

2015ع

"خاڪيءَ" سندو خيال
سرجيندڙ: ميمڻ محمد صابن "خاڪي" پنجموراڻي
سهيڙيندڙ: گلزار علي "مسافر" ميمڻ
ڇاپو: پهريون © 2015ع
ڇپائيندڙ: بزمِ اعجاز نيو سعيد آباد ضلع مٽياري سنڌ
ڪمپوزنگ: مظهر علي ميمڻ ۽ نديم سومرو
ڇپيندڙ: سُورج پرنٽرس حيدرآباد سنڌ 03357578430
قيمت: -/200

ملڻ جو هنڌ
گلزار علي "مسافر" ميمڻ
ڳوٺ پنج مورو تعلقو سعيد آباد ضلع مٽياري
رابطي لاءِ: 03033951577

"KHAKI" SANDO KHAYAL

By: Memon Muhammad Saban "Khaki" Panjmorai
Compiled by: Gulzar Ali "Musafir" Memon
Published by: Bazm-e-Aijaz, new Saeedabad, Distt: Matiari Sindh.
1st Edition: © 2015
Composed by: Mazhar Ali Memon & Nadeem Soomro
Printed by: Souraj Printers, Hyderabad, Sindh. 03357578430
Price: Rs. 200/-

فهرست

* ٻه اکر	گلزار علي "مسافر" ميمڻ	5
* دعائيہ ڪلمات	سيد سجاد الرسول شاھ راشدي	7
* تقريظ	فقير امداد علي لغاري	9
* تن سامين جي سڌ مران (مهاڳ)	مير محمّد پيرزادو	12
* تعارف	"منصور" ويراڳي	21
* پنجموري جو تاريخي پس منظر ۽ مشاهير	گلزار علي "مسافر" ميمڻ	24
* خود نوشتہ احوال زندگي	ميمڻ محمد صابن "خاڪي"	37

متن

* ابيات	59
* وايون	69
* ڪافيون	79
* غزل	99

هادي منهنجي حال تي، نظر نوري ڪر،
حقيقت مون حال جي، توکي ثابت سَر بَسر،
مَنشا رکي من ۾، آيس داوَرَ تنهنجي دَرِ،
”خاڪيءَ“ سندي خيال تي، نافعَ ڪر نظر،
مخفي سڀ منظر، مظهر ۾ معلوم ٿئي.

(”خاڪي“ پنجمورائي)

پڌ اکر

ڪٿان آئين، ڪيڏاهن ويندين، اها ڪا سڌ سچي ڏيندين،
اصل تون ڪهڙي ڳمَ دمَ سان، اصل ڪهڙي ڪِرت تنهنجي.
(مرشد سائين اعجاز علي)

انتهائي خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو بابا سائين مرحوم محمد صابن ميمڻ "خاڪي" پنجمورائيءَ جي ڪلام جو ڪتابُ بمع سوانح حيات ڇپائيءَ جي زيور سان آراسته ٿي منظرِ عام تي اچي رهيو آهي. بنده عاجز کي ان عظيم انسان سان خانداني ۽ رشتيداريءَ جي سڃڃاڻي جو شرف حاصل ٿيل آهي. صوفي مت ۽ روحانيت وارن کي اها چڱيءَ ريت پروڙ آهي ته عاشق باالله جو هر نڪتل گفتو يا ڪلام معنيٰ سان پريل هوندو آهي. بابا سائين جن کي 1958ع کان مرشد سائين پير محي الدين شاهه راشدي المعروف اعجاز علي شاهه جي صحبت ڪامل نصيب ٿي ۽ اهو تعلق زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين قائم رهيو. ڪين پنهنجي مرشد جي صحبت ۽ اثر هيٺ جيڪا هدايت ۽ محبت نصيب ٿي، تنهن کان متاثر ٿي پنهنجي زندگي گذاريائون. ان سان گڏ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪجهه ڪلام ۽ شعر به چيائون. ان مواد کي سهيڙڻ مون پنهنجو فرض ڀانئيو ڇو ته منهنجي پرورش به سندن هٿن ۾ لاڏ ڪوڏ سان ٿي ۽ نندپڻ جو جيڪي وقت گذريو اهو ساڻن گڏ گذريو. ان ڪري اها ڳالهه منهنجي اولين فرض ۾ شامل پئي ٿي، ته آئون سندن ڪلام کي سهيڙي ڪتاب جي صورت ۾ آڻيان. انهيءَ سلسلي ۾، خصوصي طرح آئون تمام گهڻو ٿورائتو آهيان سائين سجاد الرسول شاهه راشدي (سجاده نشين) جو جن جي رهنمائيءَ ۽ قيمتي مشورن تحت هيءَ ڪتاب ترتيب ڏئي سگهيو آهيان. ان کان سواءِ، ٿورائتو آهيان محترم فقير امداد علي لغاري، محترم سائين مير محمد

پيرزادي، محترم بشير احمد هيسباڻي، عزيزم محبوب علي ميمڻ، عزيزم قربان علي ميمڻ، عزيزم عمران علي ميمڻ (پٽ) ۽ عزيزم نجم الدين "گل" ميمڻ جو جن هن مجموعي ۾ آيل ڪلام ڪي سهيڙڻ ۽ ان کي ترتيب ڏيڻ سان گڏ، پروف پڙهڻ ۾ مدد ۽ رهنمائي ڪئي. مهربان پڙهندڙن جي خدمت ۾ عاجزانه عرض آهي ته مواد جي حوالي سان يا ٻيءَ طرح ڪا به خامي نظر اچي ته عفو جي عين سان درگذر ڪري مطلع ڪندا، ته جيئن ٻئي ڇاپي ۾ ان جو جوڳو ازالو ڪجي.

پنجمورو سنڌ.
18 ذوالحج 1436هه
مطابق 3 آڪٽوبر 2015ع

احقر
گلزار علي "مسافر" ميمڻ

دعائيہ ڪلمات

اڄوڪي دؤر ۾ ساٿي، وفا وارو بہ ڪو هوندو
سچو ڪامل ۽ سالم دل، صفا وارو بہ ڪو هوندو.
(پير اعجاز)

مٿئين ڪافيءَ جي سٽن ڪي آئون استاد محمد صابن ميمڻ عرف فقير صاحبڏني "خاڪي" پنجموراڻيءَ ڪي ارپيان ٿو ڇو تہ استاد صاحب، بابا سائين اعجاز جن جو همراز، همعصر، همدم، همدرد ۽ باوفا ساٿي ٿي رهيو آهي. استاد سائينءَ کي رب پاڪ جيڪا خداداد صلاحيت عطا ڪئي هئي، اها هڪ اديب، عالم ۽ مفڪر کان مٿانهين هئي. پاڻ پنهنجي شعر گوئيءَ ۾ حقيقي عشق ۽ مرشد جي ثنا کي مٿانهون رکيو اٿائين. سندن علمي فصاحت ۽ بلاغت اعليٰ درجي جي هئي ۽ اهڙا انسان قليل تعداد ۾ هوندا آهن. استاد صاحب، بابا سائين جن سان زندگيءَ جون اُهي گهڙيون گڏ گذاريون، جيڪي شايد عزيزن ۽ اسان اولاد بہ نہ گذاريون هونديون. مطلب تہ، استاد صاحب، بابا سائينءَ جن جي روحاني پيغام جو صحيح معنيٰ ۾ شارحُ، طريقت جو ڄاڻو ۽ مبلغ انسان هو جيڪو بنا ڪنهن زماني جي طمع جي، هڪ سچي پچي فقير جي صورت ۾ اهو ڪم پنهنجو فرض سمجهي، سرانجام ڏيندو رهيو. هن جي اندازِ بيان کي دنيا ۾ ڪو ڪو اپنائي سگهندو. جنهن سلسلي سان عملي تعلق هجي ۽ روحاني تلقين بہ ورتل هجي، اهي خوبيون استاد صاحب ۾ سئو سيڪڙو موجود هيون. پاڻ انڪساريءَ جو مجسمو هوندو هو. ان جي عملي صورت ۾ هو هر انسان کي خدا جو مظهر سمجهندو هو. ساڻس جيڪو بہ ماڻهو هڪ دفعو مليو سو ڪيس زندگيءَ ڀر وساري نہ سگهندو. اهو سندس ڳراڻي پريل روپي جو ڪمال هو. جو جيڪو ماڻهو هڪ دفعو بابا سائينءَ جي مئخاني تي آيو تہ اهو ان سان واڳجي ويندو هو. جيڏي هئي استاد

صاحب جي بردبار صورت، اوترو ئي هئي سندس بصيرت. استاد صاحب هڪ هر دل عزيز شخص هو. سندن علمي قابليت اها هئي، جو پاڻ جڏهن بہ پيرن، اميرن، عالمن، مولوين ۽ فقيرن سان بحث مباحثو يا ڪچهري ڪندا هئا، تہ پاڻ مڪمل دليل سان ان ڪي مطمئن ڪندا هئا، ۽ هُو سندس ڪچهريون غور ۽ فڪر سان ٻڌندا هئا. بابا سائينءَ جن جي رحلت ڪان پوءِ، استاد صاحب اسان جي نظرداري ڪئي ۽ آخر تائين اسان ڪي سنڀاليندا رهيا. اهڙي طريقي سان هن پنهنجي ناتي جو حق ادا ڪيو. بابا سائينءَ جن جي رحلت ڪان پوءِ، سندن محفل جا ڏهاڙا مقرر ڪرڻ ۾ استاد صاحب وڏو ڪردار ادا ڪيو. پاڻ خود هڪ شاعر، راڳ جا ڄاڻو ۽ ڳائڻا هئا. پاڻ ڪچهرين جا مور هئا. سگهڙ بہ سندن ڪچهرين مان پنهنجو رس چس ماڻي ويندا هئا. استاد صاحب جي ڪري هن مئخاني جو مانداڻ منديل رهيو. استاد ۾ سچاڻ، ساچاهہ ۽ ڳڻن جي تمام گهڻائي هئي، جيڪا اڄ ڪنهن ۾ بہ ڏسڻ ۾ گهٽ تي اچي. ان جي رکيل پيڙهہ جي پٽر تي تصوف جي عمارت وقتاً فوقتاً پنهنجون قدآوريون ماڻيندي رهي تي. اسين تہ اهو سمجهون ٿا تہ اسان جي مئخاني جي محفلن ۽ مصروفيتن ۾ خود استاد صاحب جن جي روح جي موجودگي هوندي آهي. آخر ۾ آئون استاد صاحب ۽ ان جي اولاد لاءِ دعاگو آهيان، جيڪو اسان سان اڄ ڏينهن تائين ان محبت ڪي نڀائيندو اچي ٿو ۽ خاص طور تي سندس ڀائٽيي گلزار عليءَ لاءِ، جيڪو استاد صاحب جي بياض ڪي ڇپائي، منظر عام تي آڻي رهيو آهي.

والسلام

سيّد سجاد الرسول شاهہ راشدي

نيو سعيد آباد

حضرت سيد محي الدين شاهه راشدي سان گڏ استاد صاحب ڏنو ميمڻ،
استاد محمد عالم لغاري ۽ نظير احمد ميمڻ ويٺل آهن.

محمد صابر "خاڪي"
(جوانيءَ جي تصوير)



محمد وارث ميمڻ
("خاڪي" جو پيءُ)

محمد صابن "خاڪيءَ" جا فرزند

مرحوم جان محمد ميمڻ

مرحوم محبوب علي ميمڻ

قربان علي ميمڻ

عمران علي ميمڻ

تقريظ

سونهن تنهنجيءَ سان پريل، سائين سڄو سنسار آ.
مظهر تون مولا سندو، عالم عجب اظهار آ.
(فقير امداد علي لغاري)

سال 1965ع ڌاري شهر نيو سعيدآباد مان پير جهنڊي وارن جي خاندان مان پير محي الدين شاهه عرف اعجاز سائين به محمد فقيرڪتياڻ رح جي ميلي تي آيا. اسان جي بزرگ نواب حاجي اميد علي خان سان اتي سندن ملاقات ٿي ۽ پوءِ نواب صاحب جي دعوت تي تاجپور پڻ آيا. اٽڪل پنج راتيون درگاهه حضرت نواب ولي محمد رح جن جي صحن ۾ عالمانا ۽ صوفيانا ڪچهريون ۽ راڳ جون محفلون ٿينديون رهيون. ان کان پوءِ، سائين اعجاز علي شاهه ۽ سندن فقراءِ اڪثر ڪري هر سال ڪتياڻ ۾ ساليانې ميلي تي ايندا رهندا هئا. هن وقت به سندن فرزند سائين سجاد الرسول شاهه به ان ناتي کي نڀائيندا اچن. سجاد سائين، ڪتياڻ جي ميلي کان علاوه، فقير نواب ولي محمد سائين جي ميلي ۽ درگاهه جهوڪ شريف جي ميلي تي به حاضري ڀريندڙ آهن.

سائين اعجاز شاهه جن جي فقراءَ ۾ نمايان طور نظر ايندڙ سندن ٻچپن جو سهڻو ساٿي، سندن فن ۽ فڪر جو پارکو سچو محبتي ۽ طالب، فقير محمد صابن ميمڻ (صاحبڏنو) هو. هيءُ فقير بنيادي طور پيشي جي لحاظ کان تعليم کاتي ۾ استاد هو. ان کان علاوه، هڪ اديب، سُخن شناس، ديني علم ۽ طريقت جي رازن رمزن کان پڻ واقف هو. استاد محمد صابن ميمڻ بلند اخلاق، سُونهن، امن جو پيغامبر، سچ جو ڳولائو ۽ محبتن ونڊڻ وارو هر دلعزيز انسان هو.

ڪٽياڻن واري ميلي تي جڏهن سائنس تفصيلي ملاقات ٿي، تہ مزاج ۽ طبعيت ۾ هڪ جهڙائيءَ سبب ۽ خيالات ۾ هم آهنگي جي ڪري، اسين هڪٻئي کي قريب اچي وياسين. محفل دوران پاڻ منهنجي پرسان اچي ويهندو هو ۽ فقرائي، رندي، توحيدي ڪلامن جي گهاڙيٽي، سُر تار کان وٺي انهن ڪلامن ۾ سمايل معنوي نڪات تي تمام معلوماتي تبصرو ڪندا هئاسين. جيئن ڪنهن فرمايو آهي تہ:

ڪند هم جنس، با هم جنس پرواز

ڪبوتر با ڪبوتر، باز با باز.

يعني: "هر پکي پنهنجي جنس واري سان اڏامندو آهي، ڪبوتر ڪبوتر سان ۽ باز باز سان." فقير صاحب کي اوائل جوانيءَ ۾ ڪا مجاز جي گهري چوٽ لڳل هئي، جنهن جو اثر آخري وقت تائين سندن طبعيت ۾ موجود رهيو. هڪ دفعي محمد فقير ڪٽياڻ جي ميلي تي محفل جي دوران اچانڪ سندن طبعيت ۾ تغير ڏسڻ ۾ آيو. پاڻ ٻيهي ۽ ساز کڻي، فقير ولي محمد جن جو ڪلام ڳائي، سڄي محفل کي وجد ۾ آڻي ڇڏيائين ۽ ان وجد جي دوران ڪافي ماڻهن جي اکين ۾ لڙڪ نظر آيا. ان کان علاوه، پاڻ جهوڪ شريف جي ميلي تي اچڻ کان پوءِ، اسان جي ٻاريءَ تي ملڻ ايندا هئا ۽ سماع جي محفل ۾ حصو وٺندا هئا. سندن هڪ دوست سيد فيض محمد شاهہ ويٺل ڳوٺ اپريو شاهہ (تعلقو مورو) ڳالهہ ڪئي تہ آئون جڏهن هاءِ اسڪول سڪرنڊ ۾ استاد هيس، تہ اڪثر نيو سعيد آباد ۽ سڪرنڊ ۾ استاد محمد صابن ميمڻ سان قرب جون ڪچهريون ٿيون ۽ اهو سندن مجازي چوٽ وارو دؤر هو. ان مجازي چوٽ جو مٿن ايترو اثر هو جو سندن پگهار وغيره جي رقم بہ سندن دوست ۽ عزيز پاڻ وٽي سندن گهر وارن کي ڳوٺ رسائيندا هئا. جڏهن تہ هيءُ فقير پنهنجي مجاز ۾ مست رهندو هو. سندن خوديءَ جو عالم اهو هو جو هڪ دفعي ٽنڊي الهيار طرف سندن وڃڻ ٿيو. اتفاق سان سندن کيسي مان پيسا ختم ٿي ويا. پر، پاڻ ڪنهن کي بہ سوال نہ ڪيائون. بلڪ هڪ درزيءَ جي دوڪان تي ويا ۽ درزيءَ کي چيائين

تہ آئون درزڪو ڪم ڄاڻندو آهيان، ڇا تون مون کي ڪجھ ڪپڙا سبڻ لاءِ ڏيندين؟ ان درزيءَ سندس آزمودي وٺڻ لاءِ کيس هڪ وڳو سبڻ لاءِ ڏنو. سلائي سٺي ٿي، تہ ان دوڪاندار کيس اتي مستقل ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي، ڇو تہ عيد جو موقعو هو ۽ ڪم بہ گهڻو هو. مگر استاد هڪ بہ وڳو سبيو ۽ پنهنجي مزدوري وٺي اڳتي روانو ٿيو. حياتيءَ جي اوائل کان وٺي آخر تائين سندس روحاني تعلق قبلہ سائين اعجاز علي راشديءَ سان رهيو ۽ پاڻ هر طرح سان اهو ناتو آخر تائين نڀائيندا آيا. استاد محمد صابن ۽ سائين اعجاز جو اهو روحاني رشتو تمام گهرو هئو ۽ جيڪڏهن استاد محمد صابن کي 'همرازِ اعجاز' چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. پاڻ سائين اعجاز سائين جن جي رحلت کان پوءِ، سندن ڪلام کي سهيڙيندو رهيو ۽ آخر ۾ کيس قلمي صورت ۾ ترتيب ڏئي مڪمل ڪيو جيڪو هڪ وڏو ڪم هو. 'سُخن اعجاز' يا 'مخزن اعجاز' جهڙا ناياب ڪتاب اسان وٽ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن انهن جو بنيادي مواد گڏ ڪندڙ ۽ ترتيب ڏيندڙ استاد محمد صابن ميمڻ ئي هو.

اسان کي خوشي آهي تہ مرحوم محمد صابن ميمڻ جن جو پاٽيو سائين گلزار علي ميمڻ سندن ڪلام کي ڇپائي پڌرو ڪري رهيو آهي. اها وقت جي اهم ضرورت آهي تہ اسين پنهنجي هن باشعور، باڪردار، سُخن پرور ۽ سُخن شناس جي سوانح ۽ ڪلام کي نوجوان نسل آڏو پڌرو ڪري پيش ڪيون، تہ جيئن اڄ توڙي ايندڙ نسل جا باشعور افراد هن تاريخي ورثي مان ڄاڻ حاصل ڪندا رهن.

تاجپور
8 سيپٽمبر 2014ع

خادم الفقراءُ
فقير امداد علي لغاري

تِن سامِين جي سَڏَ مَران،
جن جي گودِ ڙِين ۾ گُلَ!

جڏهن روس جو سوشلسٽ انقلاب آيو ته اهو پراڻي نظام کي درهم برهم ڪندي پايهٔ تڪميل تي پهتو. ليڪو چوڪو ٿيو ته ان دوران روس ڇا وڃايو ۽ ڇا پاتو. تڏهن اتان جي ليڊرشپ چيو ته جيڪڏهن وڃائجندڙ شين کي ڏسجي ٿو ته ملڪ مڪمل طور تي تباهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر، جڏهن ڏسجي ٿو ته اسان جو روسي لوڪ ادب ۽ ڪلاسيڪل ادب محفوظ آهي، ته چوڻو پوي ٿو ته اسان ڪجهه به نه وڃايو آهي، ڇو ته ان ادب ۾ قومن جون ڌڙڪندڙ دليون جيئن جو تيئن زندهه هونديون آهن. چوڻيون، پهاڪا، محاورا، اصطلاح ۽ ترڪيبون، جنهن تاجيءَ ۽ پيٽي ۾ اُٽيل هونديون آهن، اهو پاڻ ۾ قومي ٻولي، ثقافت، تهذيب، ريتون ۽ رسمون سانڍيو ايندو آهي ۽ ان آرسيءَ جو ڪم ڏيندو آهي، جنهن ۾ جهاتي وجهڻ سان قومي تشخص نمايان ٿيو بيٺل ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اها قومن جي سڃاڻ ۽ مزاج جي لغت هوندي آهي، جنهن مان سڄي قومي ڄاڻ ملي سگهندي آهي.

سنڌ ۾ دنيا ڀر جي مذهبن چند گهڙيون گذاريون آهن، ته انهن جي رهنمائن کي هن ڌرتيءَ ماءُ مان پنهنجائپ جو احساس ڏسڻ ۾ آيو آهي. انهن جي تعليمات، اصولن، طبيعتي لاڙن، رهڻين ڪهڻين جو پتو پوندو آهي. انهن مڙني سببن گڏجي هن قوم جو انساني احساسن وارو مزاج ۽ لاڙو جوڙيو آهي. هنن اڳيان 'رام' ۽ 'رحيم' انساني اشتراڪ جوڙڻ جو سبب بڻيا، نه ڪي نفرتن وارو غير انساني سلوڪ ڏنو. سنڌي ماڻهن جوان قسم جي سماجي تاجي پيٽن مان گذرندي طبيعتاً ۽ مزاجاً صوفي منش صورت ۾ اظهار وجي بينو. ٻيو ته سنڌ ۾ زرخيز زمينن، سنڌو ندي، موسم جون چار ڇِتيون پِتيون مُندون مهيا هئڻ ڪري

مڇيءَ جو زرعي شين جو ۽ مال متاع جو تہ سنڌ جڻ تہ مرڪز هئي. وڏيڪ ان وٽ معدني وسيلن جي پڻ ڀرمار هئي: پيٽرول، گئس ۽ ٻيا ڪئين انيڪ ڌاتو جيڪي منجهس وافر مقدار ۾ موجود هئا. انهن ٻاهرين حڪمرانن کي هن مٿان حملو ڪرڻ لاءِ وقتاً فوقتاً پئي اُڪسايو ۽ اُتساهيو. جن جي حملي کان پوءِ جيئن جيئن هتان جي ٻوليءَ کي مٽائڻ جون سازشون پئي سِٽيون ۽ تهذيب ۽ ثقافت تي وار ڪيا: تيئن تيئن هتان جي ماڻهن جو ويو انهن سان والهانہ ۽ جذباتي سُٻنڌ جُڙندو ۽ اُتساهہ وڌندو. انهن شين جي اظهار ۽ اشتهاريءَ طور شاعريءَ خصوصاً وائيءَ، ڪافيءَ ۽ بيتن کي فقراهي انداز ۾ ڳارائي، محفلون مچائي ۽ ان کي مشتهر ڪرڻ لڳا. دودي چنيسر جي آکاڻي، گل بڪاوليءَ جي آکاڻي ۽ الف ليليٰ جو قصو ٻاهين جي مچن تي ڳائي ڳائي رات مان ڏينهن ڪري تي ڇڏيو تہ سُنگ جي انداز ۾ ڳايل صوفياڻا ڪلام ۽ يڳتّون قومي تشخص جي علامتن جي اظهار ۾ لڳي ويون ۽ سنڌ سراپا صوفين جو مئخانو بنجي وئي. جتي لاڙ ۾ شاهہ عبداللطيف رح جي بيتن ۽ وائين جون لوليون هيون، تِتي اُتر ۾ درازا سَراپا دَنبَهو بنجي اٿيو جيئن:

مئن تہ ڪوئي خيال هان، مِلسان نال خيال دي.

(سچل سرمست)

جتي خوش خير محمد هيسباڻي چئي تہ:

تير اکين جا ڏاڍا تکيرا، سيني لڳن تا سنوان،
ناز سکيو آهين نوان، مشتاقن جي مارڻ لئہ.

نصرپور جي چيڪيءَ مٽيءَ مان اٿندڙ صدا تہ:

"مصري" مور ملڪ جو ماهي، وڻ ٽڻ ۾ آ وحدت وائي،
هر جاءِ هوت حضور، حملو هُلُ حسن حضرت جو
ذات نِسورو نور، آيو سانگ ڍڪي صورت جو.

(مصري شاهہ)

وري جتي مخدوم محمد زمان "طالب المولئ" جن چون ٿا تہ:

ڪڏهن ڪم نہ آئي، مخدومي پيريہ
اسان لاءِ پلي آ نضيلت فقيري!

تہ ڪٿان آواز پيو اٿي:

ڏيرن پاڻ وساري آهيان, آءٌ تہ پنهل کي پياري آهيان.

(بهاول لغاري)

تہ ڪٿان ٻڌجي پيو تہ:

سَوَ سوال هئا سورٺ ڪيا, مڱڻهار هڪڙي نا مڃي.

(منٺار فقير راڄڙ)

روحل فقير پيو چوي:

هڪ هندو ٻيو مومن, تيون وِچ وڏائون وير,
انڌن اوندهہ نہ لهي, تن کي سچ چوندو ڪير,
"روحل" راهہ پرين کي, جان گهمي ڏنوسون گهير,
تہ رب سين ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نہ ڪوئي ڦير,
سا ڪاڏي ڪري پير, جا ستي ڪعبة الله ۾.

سيد علي گوهر شاهہ "اصغر" چوي ٿو:

اڳ بہ ڪنهن لئہ عشق هو يا باب آ منهنجي ٻٽي,
"اصغر" عاشق آهن اهي, آلي جنين اک جي اٽي.

حمل فقير لغاريءَ فرمايو تہ:

ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ, آءٌ ڪاٿون ڪيان ڪن جون,
نہ تہ ڪير ڪاٿون, ڪير اسان, ڪير ڪيڏي هوند ڪاڻ,
اسين پاڻ اتامرا, ڪيئون نہ ڪنهن جي ڪاڻ,
"حمل" هڪ سِرَ ساجن ڪاڻ, تا ڪاٿُون ڪيئون ڪن جون.

۽

پيپي پپيهو پيو ڪري, مون تَنَ اندر ۾ تيئن,
الالا, لالڻ ! لاءِ نہ ڏينهڙا, آءٌ وسندڙي مينهن الا الا.

(خليفو نبي بخش لغاري)

ايئن پيو لڳي جڻ سڄي سنڌ وحدانيت جو گيت ٻڌجي پئي آهي ۽ چؤطرف جڻ تہ آوازا چي رهيو آهي تہ "طرف مڙوئي ٽمُ ٽيو."

ان دؤر ۾ راشدي خاندان جو چشم و چراغ سائين محي الدين راشدي عرف "پير اعجاز" جن ان سموري تعليمات کي سُوڌي، سانڍي ۽ سهيڙي هڪ مرڪز قائم ڪيو جيڪو ان سموريءَ وحدانيت سان واسيل سنڌ کي پنهنجي شاعريءَ رستي ۽ راڳ رنگ جي محفلن ذريعي جڻ تہ موڪيءَ جي مَٽَ کي اُپٽي عيان ڪيو.

سُتِي اِنَ شراب، جن سَرِي سي سونُ ٿيا،
سمهڻ تِنِ ثواب، ڳتَڙُ تن کي ڪيميا.

(خواجا محمّد زمان لواري شريف)

هر جمعي جي رات جو اتي سنڌس ڪلام ڳائڻا فقراهي انداز ۾ پيش ڪندا هئا،جتي ان ڪلام جو خلقيندڙ پير اعجاز شاھ راشدي خود پاڻ بہ موجود هوندو هو. رات ڀر راڳ جي محفل رَوَان دَوَان هوندي هئي ۽ لڳندو هو تہ نيو سعيد آباد مٿان ڪِرَندڙ ستارن جو جُهڳٽو پڻ مَدُّ هاڻيءَ محفل کي ٻُڌي ۽ فقيرن سان گڏ ناچ ۾ مَحو رقص هوندو هو. هوا جون لهرون سعادت سمجهندي سازن ۽ ڳائيندڙن جي آواز کي هنج تي کڻي ۽ هِلورا ڏينديون هيون، تہ جڻ تہ اسين هڪ گهڙي لاءِ 'ڪونيا' ۾ مئہ‌انہ جلال الدين 'روميءَ' تي ٿيندڙ رقص ۾ شامل هوندا هئاسون يا قلندر جي ڌمال جي آوازن تي سيوهڻ مٿان سير ڪندا هئاسون. هونئن بہ هر هڪ محفل ۾ موجود گهڻن ماڻهن مان ڪي چند ان جو مرڪزي ٿنيو هوندا آهن. سائين اعجاز راشديءَ جي ان محفلن جي جان جڻ تہ فقير محمد صابن ميمڻ هوندو هو.

مئخاني جي ساري سونهن، ساقي تنهنجا ماڻا ها.

(شيخ اياز)

سانوري رنگ جو سنهڙو سِيپَڪڙو ڊگهڙو - اِهو انسان، جنهن جي اندر ۾ پير اعجاز راشدي، ڇهري تي محفل جا خمار ۽ ڳائڻن جي لفظن جي اصلاح ڪندو رهندو هو تہ سازيندڙن کي ٽَنِي پوڻ تي ڇِنپيندو بہ رهندو هو. انهن جي سُرَ سان سُرُ ملائي ۽ راڳ کي گس پيو لڳائيندو هو. جڏهن سنڌس ڳائڻ جو وارو ايندو هو تہ يڪتارو کڻي بيهي راڳ ۾ شروع ٿيندو هو. پير اعجاز شاھ راشديءَ جي هڪڙي

ڪلام ۾ ڏوهيڙي جي حساب سان چار پنج غزل پيش ڪري ويندو هو. لفظ سندس وات مان ايترا تہ سوادي ٿي نڪرندا هئا، جو عجب لڳندو هو. اهي ساڳيا لفظ ٻين جي زبان مان نڪتا، پر انهن ۾ ايترو سُرُور ڪونہ هو جيترو سندس زبان مان نڪرندي مناس ڏيندا هئا. اصل ۾ لفظ بہ ساڳيا هوندا هئا ۽ راڳ بہ ساڳيا هوندا هئا، پر اهو صابن جي اندر جو احساس ۽ جذبو هو جو انهن راڳن ۾ وڏيڪ نکار آڻي ڇڏيندو هو. هيءُ رڳو ڳائڻو نہ هو پر خود شاعر بہ هو. فقير دل صوفي بہ هو تہ هڪ ٺي هنڌ تي سموري ڪائنات بہ هو. ايندڙ مهمانن جي آجيان ڪان وٺي چانهن پاڻيءَ تائين، مانيءَ ڪارائڻ تائين، راڳ رنگ جي محفل کي ترتيب سان منعقد ڪرائڻ تائين، توڙي محفل برخاست ٿيڻ کان پوءِ جا لوازمات نباهڻ تائين بہ هيءُ اڪيلو ماڻهو پنهنجي پاڻ ۾ ڄڻ تہ هڪ جماعت هوندو هو. شايد اِهو ئي سبب هو جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي بہ چوڻو پيو هو تہ:

ماڻهون، سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

فقير محمد صابن ميمڻ تي لکڻ لاءِ ڪيئي زاويا ٿي سگهن ٿا، جيئن هڪ سٺو شاعر، سٺو فقير، يار ويس، سٺو ڳائڻو ۽ پنجموري شهر جو هڪ بهترين شهري وغيره. پر، مون کي سندس شاعريءَ واري پهلوءَ تي لکڻ جو حڪم ٿيو آهي. ان لاءِ، هن وقت منهنجي هٿ ۾ سندس ڪجهہ وائيون، ڪافيون، غزل ۽ بيت آهن، جن کي ماخذ بنائي، آئون سندس شاعريءَ متعلق ڪجهہ سٽون هتي لکي رهيو آهيان. سندس سمورو ڪلام صوفياڻو هوندي بہ فقراهي نوعيت جو آهي. پاڻ جيئن تہ راڳ رنگ جي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو هو ان ڪري سندس سموري جو سمورو ڪلام ڳائڻ جا مڪمل لوازمات رکي ٿو. سندس وائيون، ڪافيون، غزل ۽ بيت جيتوڻيڪ ماترڪ وزن 'ڇند وديا' تي ڇپيل آهن. ڪجهہ وائيون ۽ غزل نما ڪافيون 'علم عروض' تي پڻ سرجيل آهن. پر، انهن جو بہ انداز ڳائجي سگهڻ وارو آهي. گويا اُهي ڄڻ تہ جهونگاري لکيون ويون هجن، جيئن:

ڪانهي ٻي ڳالهه ڪا، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.
(محمد صابن "خاڪي")

ڪنهن محويت ۾ يا ڪنهن خيال ۾ گم سم هجڻ واريءَ ڪيفيت جو چٽو اظهار، مٿي بيان ڪيل ڪافيءَ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. ان ۾ ٿي انساني ويس، خدا جي ظهور واري وحدت الوجودي عنصر جو اظهار پڻ هيئن ٿو ڪري:

اِنِسَ جي چولي، پاڻ ٿو بولي، اِهو اٿم اعتبار ڍولڻ،
پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

اِهو جيڪو وراڻيءَ وارو جملو آهي تہ: 'پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا' سو ٺيٺ عوامي لهجو آهي، جيڪو 'لوڪ فوڪ' جي ٺيڪ ٺاڪ نمائندگي پڻ ڪري ٿو. هو 'ذات' ۽ 'صفات' جي تناظر کي هيئن ٿو پيش ڪري:

ڏِسُ! ڏسڻ سان ڏيهہ سڄي ۾، هيٺ، مٿي ۽ سڄي ڪپي ۾،
سَڀَ منجهہ صورت سينءَ، پوءِ بہ پڇين ٿو ڪهڙو آهيان؟

'هئڻ' جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ خبر پوي ٿي، تہ بندو آهي تہ جتي ڪٿي ساڳيو. چوڻ سان وجودن جي وحدت جو اظهار ڪري ٿو جيڪو سموري جو سمورو ڪافيءَ جي هڪڙي بند ۾ مڪمل طور اظهار جي ۽ اظهار جي قوت جي شدت ۽ وسعت ٻڌائي ٿو ۽ اها سائين محمد صابن وٽ جيئن جو تيئن موجود آهي. ان فلسفي جو وڌيڪ اظهار هيئن ڪري ٿو تہ:

ڪٿي دين فقهہ اسلام آهيان، ڪٿي واهگُرو هرنام آهيان،
ڪٿي نازڪ ناز خرام آهيان، ڪٿي پير، امير، فقير آهيان!

اهڙن سالڪن تي عام ماڻهو 'چرئي هئڻ'، تہ عالمَ وري 'ڪافرُ هئڻ' جو ڍنڍورو گهمائي ڇڏيندا آهن. جيئن:

خاڪي پتلو خاڪ مان جوڙي، جنهن ۾ وينو خيمان ڪوڙي،
لا مڪانئون مُنهڙو موڙي، مڪان مڪين ٿئين 'پنجمورو' يار،
ڏِيارِيئي شَهَر ڍنڍورو يار!
(محمد صابن "خاڪي")

سندس غزل نما ڪافيءَ جو هڪ مثال هتي ڏجي ٿو جيڪا علم عروض جي بحر ۽ وزن تي سرجيل آهي، جيئن:

رکڻ ناتوآهي سوکو پر نيائڻ آ ڏکيو
مون سندس ناتي ۽ نالي جو سڳو آ سوريو!

سچل سرمست جن فرمايو ته:

ڪون ميرا هي الله، رب به مين هون، رسول به مين هون

هيڏي هستي جتائڻ جي باوجود وٽس نيستيءَ جي به انتها ٿي ڏسجي:

ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا،
ميري هووان مندي هووان،
بيشڪ تيڏي بندي هووان،
ڍڪ ميڏا ڍولڻا، عيب نه کولڻا،
ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا.

اهڙيءَ ريت، اسان جو هيءُ دوست محمد صابن ميمڻ به مٿي جڏهن اظهار ڪري ٿو ويهي، ته ان سان گڏو گڏ هو نيستيءَ مان هٿ نه ٿو ڪڍي:

صبر و قرار ايمان، "خاڪيءَ" کي ڪر عطا تون،
هر حال، خيال، حاصل تنهنجي رضا ٿئي.

يا

"خاڪيءَ" جو پيشوا ۽ "خاڪيءَ" جو رهنما سو
"خاڪيءَ" جو يار ياور، 'اعجاز علي' آهي.

۽

عجب راز 'اعجاز' جي رنگ رچايو
خوشيئون خيال "خاڪيءَ" سان لڄپال لايو
پسائيندو پنهنجو سو پل پل پسارو
قدم، دم آ جنهن جو گلن کان قرارو.

صحيح سالم صوفين واريون سڀ وصفون رکندڙ سائين محمد صابن ميمڻ صوفياڻي ڪلام چوڻ رستي، فقراهي راڳ رنگ ڪرڻ

رستي ۾ عام رواجي رَوَشُنُ رستي هن ۾ صوفياڻيون خاصيتون ۽ وصفون بلڪل سئو سيڪڙو ڏسڻ ۾ ايندڀون هيون. صوفيءَ لاءِ ضروري آهي تہ سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ ڪان ڀانئي ۽ ان جي منشا تي اڪيون پوري هلي، تہ ان ڪي سندس ذاتي خواهشون خود بخود هَڙ پلئہ پون. رب تي توڪل ۾ تڪئي جو هو سراپا مثال ۽ مجسمو هو. پاڻ پنهنجي سفرنامي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"خبر تان پئي تہ پنجين بجي گاڏي خانپور اسٽيشن تي پهچي وئي. گاڏيءَ مان لهي ٻاهر نڪتس. هڪ اڻ سُونهون ٻيو اڻ ڏٺو ملڪ. بهاولپور رياست جي حد بازار مان گهمندو پئي ويس. نئون ماڻهو نئون ويس. اوچتو هڪ سپاهيءَ ٻانهن ۾ اچي هٿ وڌو ۽ چيائين تہ هل ٿاڻي تي. آئون بنا ڪنهن چُون و چران ساڻس گڏ ٿاڻي تي پهتس. گودڙي گُلهي ۾، يڪتارو هٿ ۾، ڪِستو ڪلهي ۾، الفي ۽ گيڙو پٽڪو ٻڌل ۽ هيٺ تي گوڏ ٻڌل هئم. مون ڪي بئنچ تي وهاري، پاڻ صوبيدار ڪي وٺي آيو. اخلاقي طور تي صوبيدار صاحب سان هٿ ملايم. پڇا ڳاڇا شروع ٿي. ڪير آهين؟ ڪٿان آيوآهين؟ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هن گودڙيءَ ۾ ڇا اٿئي؟ چرس پيئندو آهين ؟ ڀنگي ڪرڻ ڄاڻين؟ سي آءِ ڊي آهين؟ ڪهڙو ڍنگ پڪيڙيو اٿئي؟ آئون هرهڪ سوال جو جواب خوش اسلوبيءَ سان ڏيندو رهيس. چيم تہ نہ ڪو ڀنگ آهيان، نہ ڪو چرس پيئان ٿو ۽ نہ ڪوئي جاسوس آهيان. زيارت جي شوق ۾ پاڻ ڪي پاڻ ڳولهڻ نڪتو آهيان. صوبيدار گودڙي کولڻ لاءِ چيو ۽ کولڻ کان اڳ چيائين تہ هن ۾ چرس يا آفيم هوندو يا جاسوسيءَ جا راز هوندس! جڏهن ان مان اهڙو ڪجهہ بہ نڪرندي نہ ڏٺائين، تہ چيائين تہ اسين

هڙادو نشيدار شيون ملائي توکي لاکپ ڪريون ته پوءِ مون چيو ته اهو به سندس سير آهي. ڪرايائين ته اکين تي. ڪيسي مان پئسا ڪيرائي، مون کي اجازت ڏنائين. آئون ڪيس مهرباني چئي، پنهنجو سامان ڪٺي وجڻ لڳس، ته مون کي وري پٺيان سڏ ٿيو. بهرحال، صوبيدار مون کي پئسا واپس ڏنا. چانهه به پياري ۽ معافي پڻ ورتي. رات اتي ترسي، صبح جو سوير بس ۾ سوار ٿي ڪوٽ منڻ ويس."

(صابن فقير جي سفرنامي مان ورتل هڪ ٽُڪرو)

آئون سمجهان ٿو ته اڄ جي دؤر ۾ زير طبع سائين محمد صابن ميمڻ جو ڪلام اسان جي ڪلاسيڪل ادب جو هڪ جاندار تسلسل آهي. جنهن جو گويا هُن ۽ هِن دؤر ۾ وري احياءَ ڪري ۽ ماحول کي هڪ دفعو پنهنجي ماضيءَ جو ديدار ڪرايو آهي. هن مجموعي ۾ آيل ڪلام کي قارئين مطالعي هيٺ آڻي ان ۾ موجود مڙني خوبين کان آگاهه ٿيندا. هن مختصر مهاڳ جي پُڄاڻي سائين محمد صابن جي هڪ بيت سان ڪجي ٿي:

دل کي رکجانءِ دل سان، ساجد مچ صلاح،
تون دلبر ڏٺي دل جو تون پرين تون پساهه،
مرشد محي الدين تون، هادي تون همراهه،
خوشيئون "خاڪيءَ" تي ڪيئي، نِرمَل نيڪ نگاهه،
تنهنجي اکين منجهه الله، آهي مون اثبات ڪيو.

(محمد صابن "خاڪي" ميمڻ)

مير محمد پيرزادو
موبائل: 0301_3899123

سڪرنڊ، سنڌ
28 فيبروري 2014ع

تعارف

ميمڻ محمد صابن "خاڪي" پنجمورائي

محمد صابن "خاڪيءَ" جو نالو سامهون اچڻ سان ڪيترين ئي ساروڻين تيون سُرجن سيني ۾! سڀ کان پهريائين پنهنجو پيارو عزيز مرحوم شوڪت علي محمد صالح ابڙو سنڌي سروي انسپيڪٽر آڏو ٿو اچي، جنهن کي ٻاروتڻ ۾ ئي يتيم ٿيڻو پيو. سڳي چاچي ۽ سؤٽن جي سهڻي سلوڪ جي سستي سبيان قسمت جي واڳ ڪيس پنجموري پهچائي ڇڏيو جتي محمد صابن سندس ننڍپڻ جو سنگتي بڻيو. پڙهائي پوري ڪرڻ پڇاڻان هئي ساڻي پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيا، تہ گهڻو ڪري هر مهيني جي پهرين سومار تي مخدوم نوح ؒ جي ميلي وقت مون وٽ هالا ضرور ايندا هئا ۽ ڏاڍيون قربائتيون ڪچهريون ٿينديون هيون. ان حوالي سان، صابن سائينءَ سان سلام دعا اٽڪل 1950ع کان ٿي. ليڪن، زماني جا رنگ نيارا آهن. مرحوم شوڪت تہ ڪانئس ڏور تي ڪوٽڙي هليو ويو ۽ پاڻ وري ويجهو هوندي بہ مون کان پري ۽ وهلور رهيو. ورهين پڇاڻان ڪنهن ڪم سانگي ملاقات ٿي تہ واھ واھ نہ تہ ٻيو مڙئي خير! پوءِ ٿيو ائين، جو اٽڪل پاءُ صدي اڳ، هڪ ڏينهن وچينءَ ويلي هن قلندر جي ننڍڙي ڪوٺڙي/ ڪاٽيج ۾ غير متوقع طور تي "خاڪي" صاحب قرب جا قدم ڀري آيو. انهن ڏهاڙن ۾ اسان جو اهوئي پرچار هو تہ:

"پان، ٻيڙي، چاءِ، دل نہ ڪنهن سان لاءِ"

"نيئي نياڳيون شيون سيني جو ساڻ اندر جو آزار، ڏوڪڙن جو بار، نئين ٿهيءَ جو خار ۽ قومي قسمت لاءِ ڦهري تلوار آهن. ان ڪري اچو تہ انهن کان بغاوت ڪريون ۽ پڪو انجام ڪريون تہ اڄ کان نہ اهي شيون پاڻ واپرائينداسين ۽ نہ پنهنجي سنگت ساٿ، مٽن مائٽن ۽

مهمانن کي آڇيندا سين. ڇپن ساڙ چاءِ بدران ٿڌي کير سان چاھ لائيندا سين ۽ ٿڌي ٿانئري لسي پيئندا سين ۽ پيارينداسين."

خدا جي فضل سان ان پاڪ اصول تي عمل جاري هو پر مهل ۽ موسم لسيءَ جي نہ هئي، ان ڪري پنهنجي پراڻي ۽ پياري دوست اڳيان موجود ڪجهہ تمر (ڪجور) آڻي پيش ڪيم ۽ موصوف رتيءَ جي رهاڻ بعد روانو ٿي ويو. ان موقعي تي لهواريون اوپاريون ڪندي ياءُ ظفر مرحوم[1] سان ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ڪار ۽ سار سنڀال جي سلسلي ۾ سندس واسطيداريءَ جو ڪجهہ ذڪر ڪيائون. جنهن جي مون کي اڳ ۾ خبر ڪانہ هئي.

ان وچ ۾ سندس ڀاڻيجي عزيزي نذير احمد ميمڻ. پوسٽ مئن ٽنڊو آدم (هن وقت قاضي احمد) منهنجي دوستن ڏانهن لکيل خطن جي ائڊريس ۽ طرزِ تحرير کان متاثر ٿي، دعا سلام جو سلسلو شروع ڪيو. نذير بہ پنهنجي مامي وانگر ڏاڍو نهنو ۽ نماڻو ماڻهو آهي. سن 1992ع ۾ ساڻس ٿيل هڪ ٽريجڊي رڪي رڪي ياد ايندي آهي.

ٿيو ائين، جو سندس ننڍو نيڻو نينگر، نورِ نظر، لختِ جگر، سليم اختر، ماءُ پيءُ جي اميدن جو سهارو، قوم جي قسمت جو روشن تارو تاريخ 27 فيبروري 1992ع تي سروري اسلاميہ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج هالا جي شاگردن سان گڏ، پوليس ٽريننگ اسڪول شهدادپور مان اين. سي. سي. جي فائرنگ ٽيسٽ تان واپس ورڻ وقت، مصطفيٰ ڪاٽن فيڪٽري وٽ خميس شام اٽڪل 3:35 وڳي بس ڪلٽي ٿيڻ سبب پنهن ساٿين سميت حادثي جو شڪار ٿي ويو ۽ ريتي رت سان رڳيل فوجي (مجاهد) ڊريس سندس شهادت جو يادگار بڻجي وئي.

اٽڪل 7 سال اڳ مرحوم شوڪت جي نئين ناتي سبهان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنجموري جو پيرو پرڙو پيو تنهن ڏهاڙي واٽ تي درگاهہ شريف پير جهنڊي جي محبوب مبلغ ۽ پنهنجي محسن سائينءَ محب الله شاهہ راشدي رحمة الله عليه جي زيارت ڪان علاوه، صاٻن سائين سان بہ روح

---

[1]. هالا جي مشهور تعليمي ماهر، ظفر علي ارباب ڏانهن اشارو آهي. (مرتب)

پرور رتيءَ جي رهاڻ تي. ظهر نماز سندس اوطاق/ ماڙيءَ تي پڙهڻ جو موقعو مليو. مائيٽي ماحول ۽ سانتيڪي فضا ۾ درد وند دل کي ڏاڍو سڪون رسيو ۽ قلب کي قرار! اهڙي يار قربدار پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي ڪجهه سٽون سهڻيءَ سٽا سان هن ريت سينگاريون آهن:

نالو: صوفي صاحبڏنہ محمد صابن, يا صابن چئون تہ بهتر ٿيندو.

پيءُ جو نالو: جان محمد ميمڻ وينل ڳوٺ پنجمورو تعلقو هالا, ضلع حيدرآباد سنڌ.

جنم جو هنڌ ۽ تاريخ: پنجمورو 28 نومبر 1933ع.

تعليم: سنڌي فائينل امتحان (اپريل 1947ع), اديب فاضل سنڌي (1966ع).

سروس: پرائمري استاد-مقرري: 5 نومبر 1949ع رٽائرمينٽ: 31 مارچ 1982ع

دلچسپي: پنهنجي گهر ۾ پاڻ وجائي پنهنجو ٽيڙس گهورو
آهيان عشق سڳورو ڳوٺ ٻڌم پنجمورو.

موجوده پتو: پوسٽ آفيس پنجمورو
وايہ نيو سعيد آباد ڪان اڳتي تورو
صوفي صابن "خاڪي" پورو.

"منصور" ويراڳي

پنجموري جو تاريخي پس منظر ۽ مشاهير

جيئن تہ هن ڪتاب جي صاحبِ ممدوح جو تعلق ڳوٺ 'پنجموري' سان هو انهيءَ ڪري اهو بهتر ٿيندو تہ مهربان پڙهندڙن کي هن قديم ڳوٺ جي تاريخي پس منظر ۽ هتان جي نامور ديني، علمي ۽ ادبي شخصيتن بابت دستياب ڄاڻ کان آگاهہ ڪجي.

ڳوٺ آباد ٿيڻ جو پهريون هنڌ:

اصل ڳوٺ 'پنجمورو' موجوده پنجين واٽر، جيڪو 'گدالي' شاخ، هالا برانچ روڊ واري موريءَ وٽان نڪري ٿو ان واٽر ڪورس کان اتر طرف، جتي هينئر 'مير پاٽوجي' جو ڳوٺ آهي، ان جي سامهون ڳوٺ 'مٺي هوت' کان اولهہ طرف چئن بلاڪن جي پنڌ تي موجود هو. ڪجهہ سال اڳ اتي دڙا بہ موجود هئا. عام ۽ خاص، توڙي وڏي ڄمار واري ماڻهن کان پڇبو هو تہ اهي تصديق ڪندا هئا، تہ هي دڙا پراڻي 'پنجموري' ڳوٺ جا آهن. هن وقت، انهن زمينن جي ڪٽڻ ٿيڻ جي ڪري، اهي دڙا ڊهي پٽ تي ويا آهن، ۽ ٻنيون آباد ٿي ويون آهن.

ٻيو هنڌ:

ڪي چون ٿا تہ پاٽيءَ جي ڪوٺ هئڻ باعث ۽ آس پاس ٻي آبادي نہ هئڻ سبب اهي ماڻهو لڏي، ادريس ڪٽيءَ جي باغ وٽ وڃي ويٺا. اهو باغ ۽ زمين هن وقت مرحوم رئيس شهمير خان راهوءَ جي جاگير ۾ آهي. ان ڳالهہ جي پوري تصديق ٿي نہ سگهي آهي، تہ اهي اتي ڇو وڃي ويٺا ۽ پنهنجي اڳوڻي ماڳ تان لڏي، موجوده ڳوٺ ڇو ٻڌائون؟

ٽيون هنڌ:

موجوده ڳوٺ ڪهڙي سهولت هئڻ جي ڪري آباد ٿيو؟ جواب ۾ اچي ٿو تہ هيءَ ڳوٺ پاٽيءَ جي سهوليت ميسر هئڻ جي ڪري آباد ٿيو. دراصل، هتي 'ڄام واهہ' وهندڙ هو. اهو واهہ ميرن جي حڪومت ۾

وهندو هو پر، ڳوٺ ۾ موجود ٽن قبن (گنبذن) واري مسجد، جيڪا ڳوٺ کان ڏکڻ طرف آهي، اها ان کان بہ اڳ جي ٺهرايل آهي. تاريخي حقائق مان واضح ٿئي ٿو تہ 1990ع ۾ مسجد جي نئين سر تعمير ڪرائڻ وقت کوٽائيءَ دوران هڪ ٺِڪر جو ٿِيو مليو جنهن مان ٽامي ۽ چانديءَ جا ڪجھ سڪا نڪتا، جن تي سن 1772ع لکيل هو. اهو دؤر شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ ۽ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جو پتو ڏئي ٿو. انهيءَ مٿئين حقيقت مان اها پروڙ پوي ٿي تہ هيءُ ڳوٺ ڪيترو قديم آهي. ساڳئي وقت، اهو يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ ان مسجد آباد ٿيڻ وقت اتي اڳ ۾ ئي ڪا آبادي موجود هئي. مٿئين روايت کي نظر ۾ رکندي اهو واضح ٿئي ٿو تہ ڳوٺ پنجموري جي موجوده آبادي تمام پراڻي آهي.

پنجمورو نالو ڪيئن پيو؟

ڳوٺ ۾ موجود وڏي ڄمار وارن بزرگن کان پڇا ڪرڻ تي جيڪي حقيقتون سامهون آيون تہ هن ڳوٺ تي 'پنجمورو' نالو ڪيئن پيو تنهن بابت ٽي روايتون ملن ٿيون.

1. ڪن جو چوڻ آهي تہ هتي هڪ ٻير يا نم جو وڻ هو جنهن جي بنياد کان پنج 'مور' هئا. 'مور' جنهن کي پاڙ بہ چئجي ٿو ان نسبت سان ڳوٺ تي 'پنج مور' نالو پيو.
2. ڪن جي روايت آهي تہ ڄام واھ جي پنجين موريءَ تي ڳوٺ ٻڌڻ جي ڪري اُهو 'پنجين موريءَ' مان ڦري 'پنجموري' ۾ تبديل ٿيو يعني پنجين موريءَ وارو ڳوٺ.
3. ڪن جو بيان آهي تہ ڪنهن 'مورئي' نالي شخص کي پنج پُٽ هئا، جنهن ۾ سندس پنجين پُٽ جي ڪري هن ڳوٺ تي اهو نالو پيو يعني: پنجون مورئي وارو ڳوٺ ۽ اهو لفظ پوءِ ڦري 'پنجمورو' ٿيو.

مٿين ٽنهي دليلن تي ويچار ڪبو تہ جيڪو پهريون ثبوت وڻ وارو مليو آهي، اهو قرينِ قياس آهي، ڇاڪاڻ تہ 'پنج مور' هئڻ باعث ان ۾ صرف 'و' جو اضافو ڪري، 'پنجمورو' ڪيو ويو. باقي، وڏي ڄمار

وارن بزرگن کان ڪنهن به اهڙي واهه جي ثابتي ڪانه تي ملي، جنهن جون پنج موريون هجن ۽ اتي هيءُ ڳوٺ آباد ٿيو. البت، ڳوٺ جي پرسان پراڻو 'چام واهه' وهندڙ هو جيڪو 'مارڪ واهه' مان نڪرندو هو ۽ انهيءَ تي ڪنهن به پنجين موريءَ جو ڪوبه ثبوت ڪو نه ٿو ملي. تيون دليل به پختو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ڳوٺ جي وڏڙن وٽان ڪنهن به اهڙي 'مورئي' نالي شخص جي ڪابه تصديق ڪانه ٿي ٿئي.

پنجموري جي قديم مسجد:

پنجموري ۾ موجود مسجد شريف، جيڪا ڳوٺ کان ڏکڻ طرف دڙي تي ٽن قبن سان اڏاوت ٿيل هئي، ان جي باري ۾ هتان جي هڪ بزرگ مرحوم محمد عرس پڃاري کان جيڪا معلومات ملي، ان مطابق اها مسجد ميان پتاشي، ميان ستابي، ميان ريڏني ۽ ميان واليءَ جن ٺهرائي هئي. اهي سيئي ميان صاحب ذات جا 'سومرا' هئا ۽ هن ڳوٺ جا رهواسي هئا. اهي پنهنجي وقت جا وڏا بزرگ هئا. ان قديم مسجد کي 1990ع دوران شهيد ڪرائي، ساڳئي هنڌ تي ان جي نئين سر تعمير ڪرائي وئي. مسجد جي بنيادن جي کوٽائيءَ دوران نِڪر جو هڪ ٿِيو مليو جنهن ۾ ڪجهه ٽامي جا سڪا مرجود هئا، جن تي سن 1772ع تحرير ٿيل هو. انهيءَ مان ڳوٺ جي مسجد جي تاريخي حيثيت ۽ ڳوٺ جي قديم هئڻ جو ثبوت ملي ٿو. متئين سن کي نظر ۾ رکندي اهو واضح ٿئي ٿو ته اهو دؤر ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ جو دؤر هو ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات جو سال هو. هن ڳوٺ جي قديمي حيثيت کي نظر ۾ رکندي ۽ ڳوٺ جي آباد ٿيڻ جا به اڳيان هنڌ ذهن ۾ رکندي، اهو چئي سگهجي ٿو ته هيءُ ڳوٺ هن موجوده وقت کان چار صديون اڳي آباد هو.

هن وقت، هتي جيڪي ذاتيون رهندڙ آهن، تن ۾ ميمڻ، لاڪا، عمراڻي، ڪيريا، پڃارا، ڪنير، تنيا، حاجاڻا ۽ قريشي آباد آهن.

پنجموري جا اهم مشاهير

هن ڳوٺ سان وابسته ڪجهه روحاني شخصيتن جو تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو. جن مان ڪجهه ٻاهران هجرت ڪري هتي آيا، ته ڪن وري هتان جي سرزمين تي جنم ورتو.

حاجي حضوري عرف حاجي مرد

هن درويش بابت تحقيق ۽ تلاش ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ بلاولي تحريڪ جو خليفو هو جيڪو مخدوم بلاول رح جي شهادت کان پوءِ گچيري کان ٿيندو هتي آيو ۽ هتي ئي دفن ٿيو. سندس جاءِ پيدائش يا زندگيءَ بابت ٻي ڪا به معلومات تصديق سان دستياب ٿي نه سگهي آهي. هن درويش کي هتان جي مقامي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ جي ڪري هاڻي اهو قبرستان 'حاجي مرد' جي نالي سان مشهور آهي. هيءَ قبرستان، ڳوٺ پنجموري جي اتر اولهه ڪنڊ تي ڳوٺ کان ٻن ايڪڙن جي مفاصلي تي واقع آهي. روايت آهي ته ڪو شخص هن قبرستان ۾ ماکي لاهڻ ويو. اُهو جڏهن وڻ تي چڙهيو ته کيس هڪ آواز آيو ته ان ماکيءَ کي نه لاهيو وڃي; پر اهو ماڻهو نه مڙيو. نتيجتاً پاڻ هيٺ ڪري پيو ۽ اها ماکي به پٿر جي شڪل ۾ هيٺ اچي ڪري اڄ به اهو ئي پٿر حاجي مرد جي سيرانديءَ کان رکيل آهي، جيڪو پري کان هوبهو ماکيءَ جي ماناري وانگر محسوس ٿئي ٿو.

ميان

هي فقير ۽ درويش، جن جو ذڪر اسان مٿي ڳوٺ جي مسجد جي حوالي سان ڪري آيا آهيون. جن ۾ ميان پتاشو ميان والو ميان ستابو ۽ ميان ريڏنو شامل هئا. اهي سيئي ذات جا سومرا هئا ۽ اصل ۾ موري شهر جا هئا. جيڪي سڳاوتي تڪرار سبban اتان لڏي هتي اچي سڪونت پذير ٿيا هئا. اهي درويش، هتي ڪڏهن لڏي اچي رهيا، ان بابت ڪا به ثابتي ڪاڻ تي ملي. وڏڙن جي روايت موجب، اهي پهريائين ڪنيءَ جي باغ وٽ اچي ويٺا، جيڪو ڳوٺ جي آباد هجڻ جو

ٻيو هنڌ آهي. ان ڪان پوءِ اهي درويش ڳوٺ جي ٽئين آباد ٿيڻ واري هنڌ يعني: موجوده ڳوٺ ۾ لڏي آيا. جنهن ڪان پوءِ هنن هتي مسجد آباد ڪري ان جي خدمت ڪئي. سندن بزرگيءَ بابت اها ڳالهه مشهور آهي ته انهن مٿين بزرگن مان ڪو هڪ ان مسجد ۾ وضو ڪري رهيو هو ته هن اچانڪ مٿي نهارڻ شروع ڪيو ۽ ڪافي وقت تائين آسمان ڏانهن ڏسندو رهيو ۽ ڪجهه پڙهندو رهيو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ، ماڻهن آسمان ڏانهن نهارڻ جو سبب پڇيو ته جواب ۾ فرمايائون ته اڄ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جن جو انتقال ٿي ويو آهي ۽ ان جي روح مبارڪ کي بارگاهِ ايزديءَ ۾ ملائڪ سڳورا ذڪر سان کڻي وڃي رهيا هئا. ته اسان به ان ذڪر ۾ شامل ٿي وياسون.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي ڪتاب 'مقالات قاسميه' ۾ لکيو آهي ته ميان عبدالهادي پنجموراڻي پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. هيءَ خاندان پنهنجي وقت جو وڏو پرهيزگار ۽ متقي خاندان هو. هن خاندان جا جيڪي آخري فرد رهيا، تن ۾ ميان عبدالهادي ۽ سندس چاچي ميون موريي سان گڏ به جيجيون به هيون. جيڪي ميان عبدالهاديءَ جون ڀينرون هيون. ميان عبدالهادي ۽ سندس چاچي ميان موريي هالن مان سندن ٿي ذات واري محمد رحيم وٽان شاديون ڪيون. چاچي ۽ ڀائٽيي ٻنهي کي ڪوبه اولاد نه ٿيو ۽ اهي ٻئي درويش پڻ هيءَ جهان ڇڏي ويا. جڏهن ته باقي سندن ٻئي ڀينرون وڃي بچيون. جيئن ته اهي ٻئي جيجيون نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار هيون، ان ڪري سندن گهر ۾ ڳوٺ جي ڪنهن به شخص جو اچڻ وڃڻ نه ٿيندو هو سواءِ ڳوٺ جي عورتن جي. بابا سائين محمد وارث جي چوڻ موجب ته آئون ۽ مجنون حاجاڻو فقط به ڄڻا هوندا هئاسون جيڪي جيجين وٽ گهرو ڪم ڪار لاءِ ويندا هئاسون. انهن جيجين اسان ٻنهي مان مجني حاجاڻي کي پٽيلو ڪري رکيو. چاچي مجني حاجاڻي ٻڌايو ته آئون جيجين جو مال، جنهن ۾ ٻڪريون ۽ ڏڳيون هيون، چاريندو هوس ۽ گهر جو ڪم ڪار پڻ ڪندو هوس. ٻئي

جيجيون سڄو ڏينهن نماز ۽ تلاوت ۾ مشغول هونديون هيون. جيڪڏهن ڳوٺ ۾ ڪا شادي مرادي ٿيندي هئي، ته انهن جيجين کي آگاهه ڪري ۽ انهن کان تاريخ طئي ڪرائي ويندي هئي. چاچي مجني جي چوڻ موجب ته هڪ دفعي ڪن چورن جيجين جي گهر کي ڪات هنيو ۽ جڏهن سامان ڪڍي ٻاهر آيا، ته اهي سڄي رات هلندا رهيا. تان جو صبح ٿي ويو ۽ چورن ڏٺو ته اهي اجا تائين اتي ئي بيٺل هئا. اهڙيءَ طرح، انهن سامان اتي ڇڏيو ۽ جيجين کان معافي طلب ڪيائون.

اهي جيجيون هر سال رجب مهيني جي 27 تاريخ تي خيرات ڪنديون هيون، جن ۾ سڄي ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد سندن ٻانهن ٻيلي هوندا هئا. اهڙيءَ طرح، ڪجهه وقت کان پوءِ اهي ٻئي جيجيون ب هن دنيا مان وفات ڪري ويون. سندن قبرون جامع مسجد جي ڏکڻئين طرف کان آهن، جن ۾ سندن ڀاءُ، چاچو ۽ اِهي ٻئي جيجيون مدفون آهن. سندن قبرن کي پاسن کان چوديواري ڏنل هئي. وقت گذرڻ سان اها چوديواري ڪجهه ڏڦون تي وئي آهي. اهڙيءَ طرح، اولاد نه ٿيڻ جي ڪري، هيءُ درويش خاندان پنهنجا ڏينهن هن ڳوٺ مان پورا ڪري ويو.

فقير رمضان وادو

(1265هه کان 1330هه/ 1849ع کان 1914ع)

هيءُ فقير، ڳوٺ پنجموري، تعلقي هالا (هاڻي نيو سعيد آباد) ۾ سن 1265هه ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾، قدر جي اڌ رات جو ڄائو. رمضان مهيني ۾ ولادت جي ڪري، هن درويش جو نالو 'رمضان' رکيو ويو. هيءُ فقير ننڍي هوندي کان ڳالهائي ڪونه سگهندو هو جنهن ڪري سندس پيءُ ڪيس ان وقت جي 'پير ڪوٽ' جي راشدي خاندان جي گادي نشين وٽ وٺي ويو ۽ دعا لاءِ عرض ڪيائين. پير سائين جن پنهنجي وات مبارڪ مان لعاب ڪڍي رمضان فقير جي وات ۾ وڌو ۽ فرمايائون ته هاڻي هيءُ چوڪر ڳالهائيندو ۽ دنيا ٻڌندي اهڙيءَ طرح، هيءُ فقير درويشن جي دعائن سان اهڙو ته رنڱجي ويو جو سندس وات

مان نڪتل هر گفتو عجب اڪسير ۽ معنيٰ رکندو هو. پاڻ سيلاني طبيعت جو مالڪ هو. گودڙي سدائين ساڻس گڏ هوندي هئي، جنهن ۾ ڪجهه ڪتاب هوندا هئا ۽ ان سان گڏ مس قلم پڻ هوندي هئي. جيڏيءَ مهل به ڪو خيال ايندو هو ته اهو لکي وٺندو هئو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق ۽ تصحيح موجب، فقير رمضان واڍي جي لکيل ڪتاب "علم موسيقيءَ" ۾ هن فقير جا 80 ڪتاب تصنيف ٿيل ڄاڻايا آهن.

جيتوڻيڪ رمضان فقير کي روحاني وند راشدي خاندان ڪان مليو پر سندس عقيدت منديءَ جو رستو سروري خاندان سان پڻ هئو. پاڻ مسڪيني حال هوندي به هميشه صبر ۾ رهندو هو. نه ڪنهن ڪان ڪي گهرندو هو ۽ نه وري ڪنهن جي زير احسان رهڻ چاهيندو هو. سندس سير ۽ سيلاني طبيعت جو اهو حال هوندو هو جو ڪيس گهر ڪان نڪرندي پنج پنج سال به ٿي ويندا هئا ۽ سندس مائٽ ائين سمجهندا هئا ته شايد فقير هيءَ دنيا ڇڏي ويو آهي. پر پوءِ ائين ٿيندو هو ته فقير وري ڳوٺ اچي نڪرندو هو.

رمضان فقير پنهنجي وقت جو وڏو گُني شاعر هو. هن صحيح طور تي شاعر سڏايو. پاڻ پنهنجي شعرن ۾ "رمضان واڍي" جو تخلص ڪم آندائين ۽ گهڻن ئي صنفن تي شعر چيائين. سندس ڪلام پڙهڻ ڪان پوءِ، اها خبر پوي ٿي ته پاڻ شاعريءَ جي بحر ۽ وزن ڪان پوريءَ طرح واقف هئو. سندس شاعريءَ مان وحدت الوجود ۽ عشقِ رسول جي خوشبوءِ اچي ٿي. رمضان فقير هر صنف ۾ شاعري ڪئي، جنهن ۾ ڪافي، غزل، مداحون، مولود، وڏا توڙي ننڍا سلوڪي بيت وغيره اچي وڃن ٿا. ان ڪان علاوه هندي، اردو ۽ سرائڪي بيت پڻ چيائين.

فقير پنهنجي آخري دوَر ۾ ڪنهن خيال سان پنجموري ڪان لڏي ڳوٺ 'جاڙا دل'، جيڪو پنجموري ڪان ٽي ڪلوميٽر پري اوير ۽ اتر طرف جي ڪنڌ تي واقع آهي، پنهجي عيال سميت وڃي ويٺو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سندس ولادت جو ڳوٺ 'جاڙا دل' لکيو آهي، جو صحيح نه آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻ پنهنجي هڪ لوليءَ ۾ ان ڳالهه جي

تصديق ڪئي اٿائين، جيڪا حرمين شريف جي زيارت بابت لکيل آهي. پاڻ حرمين شريفين تہ وڃي ڪونہ سگهيو هو پر سندس لوليءَ واري شعر ۾ پنجموري ڪان جيڪو خيالي سفر ڪيو اٿائين، ان ۾ ڳوٺ ڪان وٺي ڪراچيءَ جي سفر ۾ جيڪي شهر اچن ٿا، تن جا نالا ۽ ان ڪان پوءِ مڪي مڪرمہ، مديني شريف، عرفات جي ميدان، زيارتن ۽ نبي پاڪ حضرت محمد ﷺ جن جي سڪ ۽ محبت جو جيڪو نقش چٽيو اٿائين، سو انهيءَ حقيقت جي مڪمل نشاندهي ڪري ٿو. اها لولي تمام ڊگهي آهي. هتي نموني طور هڪ بند ملاحظي لاءِ ڏجي ٿو:

پُري هلي 'پنجموري' ڪان، پَسان 'پِيرَ جائُون'،
'سعيدآباد' سڄڻ جون، ڳالهڙيون ڳايون،
نئون نينهن لايون، 'ونجهيريءَ' جي واٽ تي.

فقير صاحب جو لکيل فقط هڪ ڪتاب، جيڪو 'علم موسيقيءَ' جي باري ۾ آهي، سو منظرِ عام تي اچي چڪو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو قول آهي تہ فقير صاحب جا اسي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن. فقير صاحب جو بيو بياض ڪٿي آهي، اها حقيقت تحقيق طلب آهي؟[1] فقير کي آخري وقت ۾ پٽريءَ جي آرزوءَ جي ڪري حيدرآباد نيو ويو. جتي آپريشن ڪان پوءِ پاڻ دم ڏنيءَ جي حوالي ڪيائين. ڪيس ڳوٺ آڻڻ لاءِ گاڏي ڪيائون، پر جيڪا گاڏي ڪيائون ٿي، تہ ان گاڏيءَ سان ڪونہ ڪو مسئلو پئي ٿيو. آخر، معاملي کي سمجهندي، فقير کي حيدرآباد ۾ ڳوٺ حاجي يٽي لڳ 'معصومن جي مقام' ۾ دفنايو ويو. هتي فقير جو ڪلام نموني طور ڏجي ٿو:

[1] . محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جو قول آهي تہ ڪيس رمضان فقير جي پوٽي، امام علي فقير ٻڌايو هو تہ جڏهن مخدوم طالب المولي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ٿيو هو تہ هُن رمضان فقير جا تقريباً سمورا ڪتاب مخدوم صاحب جي تقاضا تي سندن حوالي ڪيا هئا، تہ جيئن اهي بورڊ طرفان شايع ٿين. پر، افسوس جو ائين ٿي نہ سگهيو. رمضان فقير جو فقط هڪ ڪتاب "علم موسيقي" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تصحيح سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنہ 2006ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي مهاڳ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ رمضان فقير جو اهو سمورو ذخيرو اڄ بہ قلمي صورت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريريءَ ۾ اشاعت جو منتظر آهي. ڪتاب "علم موسيقي" جو اصل قلمي نسخو هيسباڻي صاحب جي لائبريريءَ جي ذخيري ۾ موجود آهي جو ڪيس 1980ع ڌاري امام علي فقير تحفي طور ڏنو هو.

(1)

تلهه: اڄ پانئجي تو ايندو منهنجو يار
ڪالهون ڪر تو ڪانگ لَوي

1. فالَ وِڏيم تان ڏنائين واڌائي،
پتو دل ڪي لڳڙو پار
پلٽيو ڍارو ٿيو پَنءُ پوي

2. اڪ ڦڙڪي تي ٻيهر منهنجي،
سهڻو سوڻ ٿيو سچار
چِتُ منهنجو تو ائين چوي

3. ڏائو ڪلهو ڏڪي تو ڏاڍو
ڏونئرو ڪڇ سڄو ڪتار
هٿ ۾ ڪرين تي ڏار ڏَنوي

4. "رمضان" واڍي ڪي واء وصل جو
نئون لڳو نروار
ملڪ انهيءَ جا تو ماڻ موي

(2)

تلهه: اڄ تا ڪن رنگ، ڪانئر ۾ ڪنگ،
هنجهن جا هنن ڪي، پون نوان ننگ

1. ڪن ٻگا ٻوليون، پائن چٻون چوليون،
ڪٻر تي ڪمدار ويٺي پيئڻ تي پلنگ

2. ڪن گگهه گفتار بس طوطن تنوار
چڏي تور مورن، هلن هيڙها هڪ ٽنگ

3. ٽيٽهريون ٺهڪن، ڪرنايون ڪرڪن،
آڙيون انهن وٽ، ويٺيون وڄائن چنگ

4. "رمضان" واڍو ڏئي ڏس ڏاڍو
ٻگيرن ٻڌا ڳوٺ، جهرڪن جهليا وڃي جهنگ

فقير امام علي واڍو

فقير امام علي ولد عبدالغفور 1904ع ۾ ڳوٺ 'جاڙا دل' ۾ ڄائو. فقير جي چوڻ مطابق تہ ڪيس سندس ڏاڏي رمضان واڍي نپايو پر اهو جلد ئي هيءَ دنيا ڇڏي ويو. پاڻ جيئن تہ پنهنجي ڏاڏي ڪان وٺي فقيري گهراڻي جو فرد هو انهيءَ ڪري مٿس پڻ فقيريءَ جو رنگ سمايل هو. پاڻ محمد فقير ڪتياڻ جو طالب ٿيو. جيئن تہ محمد فقير ڪتياڻ خود سروري گاديءَ سان منسلڪ هئو ان نسبت سان هيءُ فقير بہ سروري گاديءَ سان منسلڪ ٿيو. پاڻ محمد فقير ڪتياڻ سان گڏ گلي گلي، نگر نگر ڦرندو رهندو هئو ۽ فقير جي محفل ۾ نچندو هئو. هيءُ فقير طبيعت خواهہ پوشاڪ ۾ سدائين سادو رهندو هو. پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪنهن ڪان ڪجھ نہ گهرندو هو. پوشاڪ ۾ سدائين گوڏ ۽ پهراڻ پائيندو هئو. پاڻ فقيري طبعيت جي ڪري سدائين سفر ۾ رهندو هو. محمد فقير جي وفات ڪان پوءِ، هي فقير شاهپور جهانيان ۾ مهدي سائينءَ سان تمام گهڻو وقت گڏ گذاريندو هئو. محمد فقير جي ميلي تي هي ٻئي سدائين گڏجي ويندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو هن فقير جي شاهپور جهانيان جي علائقي ۾ ڪافي ڄاڻ سڃاڻ ۽ نياز مندي هئي. هيءُ فقير هڪ شاعر، موسيقار ۽ فنڪار تي گذريو آهي. شاعريءَ جي حوالي سان ڪافي ڪلام چيو اٿائين.

فقير سائينءَ جي بابا سائين محمد صابن سان ڪافي گهرائپ هوندي هئي. جڏهن بہ ڪا محفل وغيره ٿيندي هئي، تہ هڪ ٻئي کي دعوت ڏيندا هئا. اڪيلائيءَ جي صورت ۾ اعجاز سائين ۽ محمد فقير سائين جي ڪلام تي ڪچهري پڻ ڪندا هئا. بابا سائين جن 1985ع ۾ جڏهن ڳوٺ ۾ دوڪان کوليو تہ هيءُ فقير اڪثر شام جي ٽائيم تي دوڪان تي ايندو هئو ۽ بابا سائين جن سان روح رهاڻ ڪندو هئو. بابا جن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي تہ فقير امام علي واڍو محمد فقير سائين جي ميلي تي ينگ گهوٽائي، ڪوندا ڇاٽائي، وڏا ٽپ ۽ ڪونار

پرائي، پوءِ پيئڻ لاءِ وڏي سڏ ڪنن ۾ آڱريون وجهي جيئن ٻانگ ڏبي آ. تيئن سڏيندو هو:

بخور ڀنگ، بخور ڀنگ، يا قدح باده گل رنگ بخور
اين نہ خوري او نہ خوري، اڪ گوشئہ مسجد رنج بخور
خاڪ بخور، سنگ بخور.

پوءِ هرڪو فقراءَ پيالا، ڪستيون، لوٽا، جست جون بالٽيون کڻي، امام علي فقير وٽان ڀنگ سان ڀري، پنهنجي جاءِ تي وڃي ويهندو هئو.

فقير سائينءَ جي سڄي زندگي مسڪينيءَ ۾ گذري. پاڻ گهڻو ٺٽو چپ رهندو هو. پر جيڪڏهن ڪو حال خيال وارو وٽس ايندو هو تہ ان سان روح رهاڻ ڪندو هئو. آخري وقت ۾ ڪجهہ بيمار رهندو هئو ان ڪري سندس ٻاهر نڪرڻ گهٽ ٿيندو هو.

فقير صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ وصيت ڪئي تہ سندس وفات کان پوءِ، کيس محمد فقير ڪتياڻ جي قبرستان ۾ رکيو وڃي. پاڻ جڏهن اها حقيقت بابا سائينءَ سان ڪيائين تہ بابا سائينءَ حجت واري انداز ۾ کيس چيو تہ فقير سائين! هيءَ پنهنجو ڳوٺ آهي ۽ هن ڳوٺ جو بہ توهان تي ڪجهہ حق ٿئي ٿو. اسان جو خيال آهي تہ توهان پاڻ کي هتي ئي رکايو. اهڙيءَ طرح، پاڻ پنهنجي ان ڳالهہ تان هٽي ويو ۽ چيائين تہ ٺيڪ آهي، اسان کي ڀلي هتي ئي رکيو وڃي. وصال واري ڏينهن پاڻ وهنجي سهنجي تيار ٿيو ۽ ٻڌايائين تہ اڄ اسان جي هن دنيا کان موڪلاڻيءَ جو ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي سندن عزيز سائين محمد عارب لاکو رٽائرڊ پرائمري استاد ۽ ان جو ڀاڻيجو استاد هادي بخش لاکو کيس پڇڻ لاءِ آيل هئا. فقير سائينءَ کين چيو تہ اڄ اسان جي موڪلاڻيءَ جو ڏينهن آهي ۽ توهين سوره ياسين پڙهو. فقير ان تي کين ٻهرايائين پنج پنج روپيہ سنت جا پڻ ڏنا. انهن جيئن ئي قرآن شريف پڙهيو تيئن هن فقير کٽ تي پنهنجا هٿ پير سڌا ڪيا. اهڙيءَ طرح، 13 اپريل 1987ع مطابق 13 شعبان 1407هہ بروز سومر صبح جو 7 وڳي پنهنجو دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيائين. جنهن بعد کيس سندس گهر جي

پرسان ڳوٺ پنجموري ۾ دفنايو ويو. فقير سائينءَ جو شاعريءَ جي حوالي سان ڪافي ڪلام چيل آهي، جن مان هي ڪلام نموني طور ڏجن ٿا. اهي ٻئي ڪلام سائين عطا محمد ڏيٽي صاحب[1] فراهم ڪيا. جيڪي ڪيس فقير امام علي سائينءَ مؤرخہ 2 جنوري 1987ع تي خود پاڻ لکرايا هئا.[2]

(1)

ٿلهہ: مونکي وره وڪوڙي، نيو آ نينهن نهوڙي،
دانهون ڪيئن نہ ڪريان، آهون روز پريان، ماريو درد وڇوڙي

1. محب ملڻ لاءِ ٿي ماموري، ساري عمر منهنجي ٿيڙي پوري،
دلبر دل جو ڏٺي، ويڙو جادو هٽي، جاني جيءَ منجهہ جوڙي

2. پيار پرينءَ جو جو پاليل پياسي، سونهن سجڻ جو ڪيڙو سناسي،
آيو چاهہ چڙهي، ويئي دلڙي اڙي، لکيو پيو ڪير لوڙي

3. احسن اعليٰ عين عجيبي، حسن جي حاڪم حال حبيبي،
صحبت ساڻ سچي، پنهنجي پر ۾ پچي، پسان پاڻ پتوڙي

4. "امام علي" چوي آهيان اداسي، سڀ سورن اندر ساسي،
ساعت ڪانہ سري، من ڪا پرت پري، ڇڏيو عشق الوڙي

(2)

ٿلهہ: تنهنجي نيڻن نهوڙي نيو
جاني توسان جيءَ ٿيو پئجي پيچ ويو.

1. سڪندي ڪئين سال ٿيا، هيٺا منهنجا حال ٿيا،
فڪر ۾ في الحال ٿيا، بي راڳي بحال ٿيا،
مثالي نہ موجيو پئجي پيچ ويو.

---

[1] سائين عطا محمد ڏيٽي صاحب جي فقير امام عليءَ سان تمام گهڻي نيازمندي هئي. ڏيٽو صاحب هن وقت ڊائريڪٽر آءِ. تي طور سنڌ جي مشهور تعليمي اداري پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچرس ايڊيوڪيشن (PITE)، نواب شاهہ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. پاڻ گورنمينٽ پرائمري اسڪول مير محمد ڏيٽي ۾ بابا سائينءَ جن جو شاگرد پڻ ٿي رهيو.

[2] فقير امام علي سائينءَ جن جو مڪمل ڪلام "ڪليات فقير امام علي لاڪو" جي نالي سان محترم بشير احمد هيساڻيءَ ترتيب ڏنو آهي. جو سنڌ جي نامور اشاعتي اداري ساهتي ادبي اڪيڊمي، نواب شاهہ سنڌ طرفان اشاعت هيٺ آهي

2 سهڻي سينگار سان، رسم رخسار سان،
رندي رفتار سان، شڪر گفتار سان،
موهي من قيد ڪيو، پنجي پيچ ويو.
3 نانگو نيشان ٿيو ڦران مستان ٿيو،
تو لاءِ حيران ٿيو، وتان پريشان ٿيو
پريمي پيوند پيو، پنجي پيچ ويو.
4 اصل ڪان "امام" تون "علي" تون اسلام تون،
جنگي پيارين جام تون، صبح توڙي شام تون،
وتان مست ٿيو، پنجي پيچ ويو.

گلزار علي "مسافر" ميمڻ

خود نوشتہ احوال زندگي

نالو ۽ جنم:

محمد صابن ولد جان محمد ولد محمد صابن ولد محمد خان ميمڻ (پڙ ڏاڏي تائين شجري جي حقيقت آهي. وڌيڪ ڪا بہ ہي ڄاڻ حاصل ٿي نہ سگهي آهي.) اصل ڳوٺ 'پنجمورو' تعلقي هالا (هاڻي نيو سعيد آباد) ضلعي حيدرآباد (هاڻي مٽياري) ۾ جنم ٿيو. ڳوٺ پنجموري ۾ سن 1917ع ۾ قائم ٿيل پرائمري اسڪول جي جنرل رجسٽر مطابق، منهنجو جنم 28 نومبر 1933ع آهي.

تعليم:

سال 1939ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ دوران پرائمري اسڪول پنجموري ۾ سنڌي پڙهڻ ويٺس. اها لڙائي 1939ع کان 1945ع تائين هلي، جنهن ۾ پير سائين صبغت الله شاهہ (ڇهين پاڳاري) کي گرفتار ڪري لنڊن وٺي ويا. ان وقت تائين مون ڇهہ درجا پاس ڪيا هئا. سنڌي فائنل جو امتحان 1946ع ۾ ڏنم. ملڪ ۽ آس پاس جي حالتن خراب هجڻ سبب تعليم متاثر ٿي ۽ آئون فائنل پاس ڪري نہ سگهيس. ان ئي سال يعني 1946ع ۾ نيو سعيدآباد مڊل اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخلا ورتم. روزانو 4-5 ميل پنڌ ڪري وڃڻ ۽ اچڻ کان علاوه، غربت هئڻ سبب وڌيڪ انگريزي تعليم پرائي نہ سگهيس ۽ واپس ڳوٺ اچي ساڳئي اسڪول ۾ داخلا ورتي. فائنل جي تياري ڪيم. آخر، 1947ع ۾ فائنل جو امتحان پاس ڪيم. سن 1945ع ۾ منهنجو والد صاحب وفات ڪري ويو. جنهن جي 8 يا 9 مهينن بعد پاڙي مان شادي ڪيم. غربت جي ڪري پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد وارث سان گڏ، ٻني ٻاري جو ڪم پڻ ڪندو هئس. هڪ غربت، ٻيو پيءُ جو سايو

ڪجي ويو. تيون عزيزن بہ ڪو سٺو ساٿ نہ ڏنو انهن ڏکن ڏاڍو جهوريو. ان باوجود بہ پڙهڻ نہ ڇڏيم ۽ ٻني ٻارو پڻ ڪندو رهيس. خدا پاڪ جي ڏنل سوغاتن ۽ مقدر جي لکئي تي راضي رهي، مُنهن ڏئي، وقت ڪاٽيندو رهيس ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ محمد وارث کي پڙهائيندو بہ رهيس. آخر، ان کي بہ فائنل پاس ڪرايم.

گذر سفر:

ٻني ٻاري جي ڪم ڪار سان گڏوگڏ 1947ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪرڻ بعد، خاندان جي ڪفالت واسطي نوڪريءَ لاءِ اپريل 1947ع ۾ سڪرنڊ فارم تي ويس، جتي مون کي 20 روپيہ ماهوار پگهار سان ڪٽڪ جي تيلين ڳڻڻ جي نوڪري ملي. اسين 8 يا 10 ڄڻا ڪٽڪ جي ناڙي پوکيل قطار جي هر هڪ ٻوٽي جون تيليون ڳڻيندا هئاسين. تقريباً 10 ڏينهن ڪن اِهو ڪم ڪيم. هڪ ڏينهن فارم جو وڏو صاحب آيو جنهن اتفاقاً مون کان تعليم جي لياقت بابت پڇيو. فائنل پاس جو ٻڌي چيائين تہ پوءِ تون هي تيليون ڇو پيو ڳڻين؟ مون بہ سفارش ۽ پهچ نہ هجڻ جو ڇيومانس. پاڻ مون کي ٻئي ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ ملڻ لاءِ چئي هليو ويو. آئون ٻئي ڏينهن سندس آفيس ۾ ويس، جتي صاحب مون کي اسٽاڪ جي اسٽور جي چارج ڏني ۽ منهنجو پگهار وڌائي 40 روپيہ ڪيو. پنهنجي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ جي ڪري صاحب مون کي ڏاڍو ڀائيندو هو. ساڳئي وقت همٿائيندو بہ هو تہ توکي مئٽرڪ ڪرائيندس ۽ چانس بہ ڏياريندس. ان دوران مون آبداريءَ لاءِ ٻن درخواست ڏئي ڇڏي هئي. ساڳئي سال جي سيپٽمبر جي 15 يا 16 تاريخ تي منهنجو هڪ عزيز زرعي فارم تي ليٽر کڻي آيو تہ توکي آبداريءَ جي نوڪريءَ ۾ چونڊيو اٿن. آئون ليٽر کڻي صاحب (فارم وارو) وٽ آيس ۽ موڪل گهريم. صاحب گهٽو ڪي سمجهايو پر منهنجو مقدر اجا ڪي ٻيو هو سو رهيل پگهار وٺي ڳوٺ آيس. ٻئي ڏينهن بسترو ۽ ضرورت جو سامان کڻي، آبداريءَ جي نوڪري ڪرڻ لاءِ ٽنڊي آدم روانو ٿيس، جتان منهنجي پوسٽنگ جهنڊي مري ۾ ٿي. ان

وقت، منهنجي پگھار 84 روپيہ مقرر ٿي. لاڳيتو 2 سال ان بيٺ تي ڪم ڪيم. سال 1949ع ۾ هڪ دفعي ڳوٺ آيس تہ منهنجي استاد مرحوم عبدالوارث ميمڻ سان ملاقات ٿي، جنهن مون کي پرائمري ماستر ٿيڻ لاءِ چيو ۽ پڻ آرڊر وٺي ڏيڻ جو چيائين. ساڳئي سال جي نومبر مهيني ۾ وري جڏهن ڳوٺ آيس، تہ استاد صاحب وري بہ مون کي ماستري نوڪري ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ ايترو بہ چيائين تہ توکي اڄ جو اڄ آرڊر وٺي تو ڏيان. اهڙيءَ ريت، آئون آبداري نوڪري ڇڏي، 5 نومبر 1949ع کان پرائمري استاد ٿي نوڪري ڪرڻ لڳس. اپريل 1955ع ۾ استادن جي ٽيننڊ تربيت لاءِ حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ چونڊيو ويس. مون سان گڏ، منهنجي تر جا استاد حاجي محمد حافظ پاٽوجو قطب الدين حاجاڻو ۽ سليمان ڪوري پڻ چونڊجي آيا. ان سان گڏ، قربان علي ڪلهوڙو (دادو) ۽ گلزار علي لغاري (ڳوٺ ڏتل لغاري ڊگھڙي) پڻ آيا. اسان جو ساٿ گڏ رهيو ۽ محبت ۽ قرب سان 2 سال ڏاڍا سٺا گذريا. ڪاليج وڃڻ کان اڳ مون کي فطري طور راڳ سان شوق پڻ هو. آواز سٺو هئڻ جي ڪري، ڪڏهن ڪڏهن سُرَ سان تہ ڪڏهن وري بنا سُرَ گُرَ جي راڳُ چوندو هوس. ڪاليج ۾ راڳ جا خصوصي پيرڊ هلندا هئا ۽ انهن پيريڊن ۾ استاد غلام علي ۽ استاد پير بخش اسان کي موسيقيءَ جي سکيا ڏيندا هئا، جتان مون ڪافي ڪجھ سکيو. ڪاليج ۾ ٽيننڊ پروگرامن توڙي ٻين دعوتن ۾ بہ وڃڻ ٿيندو هو جتان مون کي ڪافي سارا انعام پڻ مليا.

عشق جي ابتدا:

ڪاليج مان موٽڻ بعد، ڳوٺ جي پر واري اسڪول 'سيراچ ڪاڪا' ۾ پوسٽنگ ٿي. نيڪ هڪ سال بعد، مارچ 1958ع ۾ درگاھ شريف پير جهنڊو ۾ هيڊ ماستر طور بدلي ٿيس. منهنجي وِرهَہ جي وڻ جي سَلي جي وڌڻ جي ابتدا اتان شروع ٿي. درگاھ شريف تي پير سائين محب الله شاھ راشدي صاحب جن جو مدرسو هو جتي ديني تعليم جو اوج هو. مون غنيمت ۽ موقعو سمجهي مطالعي تي توجہ ڏنو،

جنهن ۾ فارسيءَ کي گهڻي اوليت ڏنيم ۽ ان مان گهڻو ڪجهه لاڀ پرايم. درگاهه شريف تي جناب قبله پير سائين محي الدين شاهه "اعجاز علي" جن سان وڏيڪ محبت ۽ پيار ٿي ويو. پاڻ به مون سان وڏو قرب ڪيائون. صبح، منجهند ۽ شام رهڻ گڏ ٿيو ۽ سندن صحبت ايترو ته اثر ڪيو جو "ما سِوِيَ الله ترڪ دنيا" يعني نه گهرَ جي، نه دنيا جي خبر رهي. آئون هر وقت ساڻن گڏ هوندو هوس ۽ پاڻ به اوتروئي قرب ڏيندا هئا. سائين جن پاڻ وڏا شاعر هئا. پاڻ محبت جي ڪمند جو اهڙو ته پيچ وڌائون، جو دنيا جو هر خيال، ترقي ۽ نوڪري وغيره سڀ سندن محبت ۾ وسري ويا. هر روز رات جو پنهنجي راڳ رهاڻ ٿيندي هئي. رمضان توڙي ذوالحج جي عيدن جي موقعن تي وڏي مجلس ٿيندي هئي. ان عرصي دوران، آئون قبله سائين جن جي زير نظر ۽ هدايت سان موسيقيءَ جي ڪتاب "راڳ ساگر" جي مدد سان هارمونيم وڄائڻ پڻ سکي ويس. ساڳئي نموني راڳداريءَ جي ڪيترن ئي سُرن جي پڪي ۽ پختي ڄاڻ پڻ پئجي وئي. انهن سڀني ڳالهين کان اڳ اهو ضرور عرض ڪندس ته منهنجي دل کي ڪنهن رهبر ۽ منزل جي تلاش هئي. هميشه دل ۾ اهو خيال ايندو هو ته ڪو اهڙو حيلو وسيلو ٿئي، جو سڪ، محبت ۽ عشق جو جيڪو سلو منهنجي دل ۾ ڪومايو پيو آهي، ان جي آبياري ڪرڻ وارو ۽ رهبري ڪرڻ وارو ڪو ملي. ان تشنگيءَ ۾ ڪجهه شعر اڳ به چيل هئا، تن ۾ ڪي جذبا پوشيدا هئا. جن کي پٽڪائيندو رهيس، جنهن لاءِ ضرورت هئي هڪ ترجمان جي. ڪاليج کان وٺي ان وقت تائين آئون سٺو فنڪار ٿي چڪو هوس، جنهن ۾ شعر ناهڻ، راڳ جي سُرَ گُرَ ۽ لهجي وغيره جي سڄي خبر پئجي چڪي هئي. علم عروض جو پڻ خاصو مطالعو ڪيم. انهن سڀني ڳالهين جي ترجماني قبله سائين پير و مرشد اعجاز علي شاهه جن وٽ پوري ٿي. منهنجي عشق مجاز جي شروعات 1948ع ۾ ٿي، پر اِهو اثر اهڙو نه هو. تاهم تاثرات ۽ خيال، ڪو نقش آڏو ضرور رکيم. تن جي توُنس ڪجهه جهڪي ٿي، ته آزاديءَ سان پڙهائڻ لڳس ۽ قبله سائينءَ جن جي

رهبريءَ سان پنهنجي آزاد خيال کي هر روز اتي وجڻ، ويهڻ ۽ رهڻ ڪري تسڪين ڏياريم.

عشق مجاز:

هڪ ڏينهن رمضان مهيني جي وچ ڌاري منجهند جو ستل هيس، جو روزو هيو. اوچتو سجاڳ ٿي محسوس ڪيم، تہ ڪنهن نقش جو اثر ٿيو آ. هڪ صورت اکين اڳيان تصور ۾ اچڻ لڳي. محسوس ڪيم تہ خواب نہ، پر ڪا حقيقت هجي. ڪجھ وقت سوچڻ بعد اندپين سنياليم، پر اُها مون کي هٿ نہ آئي. سڀ طرح ڳولهيم. ڪيسو ڪٽ، وهاڻو ۽ پٽ وغيره، پر ندارد. خير روزي جي حالت ۾ دماغي توازن جاءِ نہ سمجهيم. ٻئي ڏينهن معمول جيئان ڊيوٽيءَ تي ويس، روزو بہ هجي، موڪل ڪري، منجهند جو ٻاهر نڪتس. اندپين جي فڪرات پڻ هئي. اسٽاپ تي پهتس تہ اوچتو هڪ ماڻهو مليو جنهن چيو تہ ڪهڙي فڪرات ۾ آهين. مون ڪيس ڪجھ بہ نہ ٻڌايو ۽ زبانيءَ طرح چيو تہ سڀ خير آهي. ان تي پاڻ ئي چيائين تہ مون تنهنجيءَ اندپين جو چور لڌو آهي، آئون توکي اندپين ونرائي ڏينـدس. مون کي ڪاوڙ بہ آئي ۽ خوشي بہ ٿي. بس ايترو چيم تہ ادا مهرباني. ساڳئي وقت اِهو پڻ پڇيم تہ مون کي ڪيڏيءَ مهل اندپين ونئي ڏيندين. چيائين تہ شام جو. بس، شام جو مون کي جيڪو اندپين ڏيڻ آيو ان ئي منهنجيءَ دل تي جادو ڪيو ۽ منهنجيءَ دل جو مالڪ بڻجي، مون کي بي سر و سامان بت بنائي ويندو رهيو. جنهن بعد منهنجيءَ دل جي گهاءَ مون کي بي قرار بنائي وڌو. ايتري قدر جو آئون پنهنجو پاڻ وساري وينس. منهنجي لاءِ ڏينهن ۽ رات روئڻ ۽ جهجڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو. اسڪول جي ڊيوٽي بہ هڪ بُتَ جي صورت ۾ ڏيڻ لڳس. قبلہ سائينءَ جن وٽ پڻ ڪو حال حقيقت نہ ڪرڻ، خاموش، اداس ۽ پريشان رهڻ سان شڪي ٿي پيس. وقت جو ڪوبہ خيال نہ رکندي سڄيون راتيون پيو جهونگاريندو ۽ ڳائيندو هوس. ايتري قدر جو ماڻ جو تہ سوال ئي نہ هو. منهنجي خيال مان هڪ ڪلام اوچتو نڪتو جيڪو ڪجھ ئي منٽن ۾ سڄو تيار ٿي ويو. جنهن جو ٿلهہ آهي تہ:

ڪنهن سخت سڄڻ سان مون، وڃي ناتو لايو آ.
سمجهي بہ نٿو سگهجي، ڇا هن جو رايو آ.
(محمد صابن "خاڪي")

سير و سفر:

ان مستيءَ ۽ فراق ۾ اسڪول مان موڪل ورتي، گهران گوڏ، ڪپڙا، گودڙي، ڪفني، يڪتارو ۽ ڪمبل وغيره کڻي، ان منزل ڏانهن راهي ٿيس، جنهن جو نہ پروگرام نہ خيال. نہ ان جي ڪا آخر يا پڄاڻي ۽ نہ ئي ڪو ڪنارو هو. منهنجي پهرين منزل پنهنجي اسٽاپ پنجموري ڪان قاضي احمد 'نازباغ' تائين ٿي. اتي پهچي، پنهنجي منهن يڪتارو کڻي ڳائڻ ۾ شروع ٿي ويس. نہ ڄاڻ ڪيڏيءَ مهل سج لٿو. اوچتو باغ جي مالهيءَ اچي چيو تہ ابا! هاڻ هتي رهندين يا ويندين؟ مون چيو تہ ادا! آئون وڃان ٿو. اهڙيءَ طرح، منهنجي ٻي منزل شاهپور جهانيان ۾ ٿي. درگاهہ جو پڄائي، مڪان تي پهتس. 5 يا 6 فقير ويٺا هئا. سڀني نموني آڌرياءَ ڪيائون. مڪان ۾ ٻاهہ جو مچ ٻري رهيو هو. مون کي بہ مچ جي ڀر ۾ بسترو وڇائي ڏنائون. حال احوال ڏيندي ونندي پنجموري جو نالو کڻڻ سان فقير امام علي واڍي جو پڇيائون. ڏاڍي مرحبا ڪيائون. رات جو مجلس ٿي، جنهن ۾ مون بہ حصو ورتو. صبح جو 4 وڳي جاڳ ٿي. يڪتارو کولي، راڳ ۾ شروع ٿي ويس. ڪابہ سرت نہ رهي. فقير بہ منهنجي راڳ تي پڪوازَ ۽ گهگهريون کڻي مون سان گڏ شروع ٿي ويا. تان جو صبح جا 10 ٿي ويا. آخر، اتان موڪلائي، درگاهہ جي زيارت ڪري، نوشهري فيروز ۾ سائين شاهہ نصير جي درگاهہ جو پڄي، مڪان تي وڃي پهتس. مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ درگاهہ جي زيارت خانداني ڪشيدگيءَ جي ڪري بند آهي. توهان گادي نشين پير سائين نول گهوٽ سان وڃي ملو اتان وڏيڪ ڄاڻ ملندي. آئون دواخاني جو پڄائي اتي آيس، تہ منهنجي عجب جي حد نہ رهي. مون ڏٺو تہ سائين نول گهوٽ تمام پيرسنيءَ جي حالت ۾ کٽ تي سٽا پيا آهن. ساٿس ملڻ لاءِ السلام عليڪم چئي اڳتي وڌيس، تہ پاڻ اٿي ويهي مون کي ياڪر پائي هٿ ڏنائون ۽ پنهنجي ڀرسان کٽ تي ويهاري

خير و عافيت پڇيائون. نوڪر کي ننگر آڻڻ لاءِ چيائون. مون عرض ڪيو تہ قبلا! هن وقت ضرورت نہ اٿم. پاڻ فقيرن ڏانهن منهن ڪندي چيائون تہ ابا! ڪا تہ ضرورت اٿس، جو هتي آيو آهي. سندس اچڻ مقصد کان خالي نہ آهي. باقي ننگر ضرور کپي. منهنجي خيالن کي چڱي سجاڳي ملي وئي. ۽ سندس ويجهو ٿي ويٺس. عرض ڪيم تہ جيڪي ڪجهہ توهان فرمايو ان لاءِ تہ آيو آهيان تہ اوهان بزرگن جي زيارت ۽ هدايت نصيب ٿئي. ساڻن ڪجهہ وقت ڪچهري ڪيم. ايترو ضرور محسوس ڪيم تہ پاڻ دنيا جي شرتِ ۾ نہ هئا. ڪجهہ وقت ڪچهري ڪري ڪانئن موڪلايم.

اتي ئي نوشهري فيروز ۾ 2 ميل اوڀر طرف سهتن جي ڳوٺ ۾ پهچي رات رهيس. سڄي رات رهاڻ ڪري، صبح جو پڊيا روڊ اسٽيشن تي آيس، جتي محمد ياسين "عاشق" ڪيريبي وٽ وڃڻ ٿيو. ڏاڍي آدر ڀاءَ ڪيائين. ٽي راتيون ترسائي ڇڏيائين. آخر ان کان موڪلائي ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي راٽيپور آيس. سج لهي چڪو هو. ٽانگي ۾ چڙهي، ڦرين بودلي بهار جي زيارت ڪيم. چنڊ جو ڦريون سومار هو. خلقت گهٽي هئي. اتي بہ سڄي رات مڪان تي رهاڻ جو رنگ رچايوسين. ٻئي ڏينهن صبح جو سويرو سائين حضرت صالح شاهہ جي درگاهہ جي زيارت ڪري، اڌ ميل کن اتر طرف درازا شريف پهچي زيارت ڪيم. شام جو درگاهہ شريف جي گادي نشين سائين صاحبڏني جن سان ملاقات ٿي. اتي بہ رات جو 10 وڳي تائين روح رهاڻ ۽ محفل ڪئي سون.

منهنجي اڳيئين منزل روهڙي شريف هئي. گمبٽ مان ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، روهڙي شريف ۾ لٿس. پنهنجا ميرا ڪپڙا ڌوٻيءَ کي ڏئي 'وار مبارڪ' جي زيارت لاءِ ويس. وچينءَ جو وقت هو. وضو ڪري نماز پڙهيم. بعد ۾ پر واري حجري ۾ فقير صاحب سان ملاقات ٿي، جنهن منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ منهنجو سامان پڻ سندي گهر ۾ وڃي رکيائين. سج لٿي ۽ وچينءَ جي وچ ڌاري فقير صاحب حجري کان ڏکڻ طرف دروازو کولي، مون کي اندر وٺي ويو. هڪ چوڪنڊي، جنهن کي چوڌاري

چيلهه کان ننڍي پٽِ آيل هئي، مون کي ان پٽ جي ٻاهران ويهاري، پاڻ ان چوڪنڊيءَ جي وچ تي ويو ۽ اتان هڪ پيٽي کڻي آيو. مون وٽ اچي ويهي ان کي کوليائين، جنهن ۾ تمام گهڻن رومالن کولڻ بعد هڪ خوبصورت دٻلي ڪنيائين. ان دٻليءَ جي اندر ريشم مٿان هڪ آڱر کان ٿوري وڏي ۽ انڊپين کان ٿوري ننڍي سونهري رنگ جي انڊپين جهڙي شيءِ ڪنيائين، جنهن جو مٿيون ڍڪ لاٿائين ته ٻئي حصي جي چوٽيءَ ۾ سون جهڙو سونهري وار مبارڪ نظر آيو. مٿان لائيٽ جي روشني لڳڻ ڪري تيز روشني ڪري رهيو هو. اهو سارو وقت آئون صلوات شريف پڙهندو رهيس. تقريباً 10 منٽ ڪن ديدار ڪندو رهيس. روح کي ڏاڍي راحت ملي.

منهنجي ان روحاني ۽ جسماني سفر جي منزل جاري رهي. روهڙيءَ مان پنجاب وڃڻ جو ارادو ڪري، ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿيس. اتفاقاً ان ئي بوگيءَ ۾ 9 فقير گيڙو پوش اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. مون کي ڏسي پاڻ ئي 'حق موجود' چيائون. مون پڻ جواب ۾ 'سدا موجود' چيو. پاڻ سان گڏ ويهاري، حال احوال پڇيائون. روحاني واقفيت ته روز ازل کان هئي، باقي جسماني واقفيت ڪرايائون ۽ مون کان به پڇيائون. پاڻ انباهه شريف جا فقير هئا. سائين ولايت شاهه جي فرزند بگن شاهه خود حال احوال اوريو. فقير سائين جن پنهنجي عاقل پنهنجي مريدن وٽ وڃي رهيا هئا. مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيائون. سفر دوران ڏاڍي روح رهاڻ ۽ ڪچهري ٿي. ڪچهري ڪندي پنو عاقل اچي ويو ۽ مون کي پڻ لهڻ لاءِ ڏاڍو زور بار رکيائون. پر، مون معذرت گهري ۽ واعدو ڪيم ته توهان وٽ هن يارهينءَ تي يا ايندڙ مهيني ضرور ايندس. فقير اجازت وٺي گاڏيءَ مان لٿا.

"سامي ڪٺي سنک، وڃائي واٽ ٿيا."

هڪ وڇوڙو ٻيو درد، ٿيون صوفين جي جدائي. "تن ۾ تاڻو تاڻ، اڻ ڏٺي ڏيهه جي." خبر نه رهي ته منهنجي منزل ڪٿي آهي ۽ ڪيڏانهن وڃان ٿو. ماڻ واري ملڪ جي سير تي چڙهي ۽ پاڻ کي پاڻ سڃاڻڻ لاءِ

پاڻ ۾ ئي گم ٿي ويس. خبر تان پئي ته ريل گاڏي شام 5 وڳي اسٽيشن تي پهچي چڪي هئي. گاڏيءَ مان لهي ٻاهر نڪتس. هڪ اڻ سونهون، پيو اڻ ڏٺو ملڪ بهاولپور رياست جي حد. بازار مان گهمندو پئي ويس، ته اوچتو هڪ سپاهيءَ ٻانهن ۾ هٿ وڌو ۽ چيائين ته هل ٿاڻي تي. آئون بنا چُون چَران جي ساڻس گڏ ٿاڻي تي پهتس. گودڙي ۽ ڪستو ڪلهي ۾، يڪتارو هٿ ۾، الفي پهريل، گوڏ ۽ گيڙو پٽڪو بدل هيم. مون کي بئنچ تي ويهاري، پاڻ صوبيدار صاحب کي وٺي آيو. اخلاقي طور صوبيدار سان هٿ ملايم. پڇا شروع ٿي، ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هن گودڙيءَ ۾ ڇا اٿئي؟ چرس پيئندو آهين؟ نڳي ڪرڻ ڄاڻين؟ سي. آءِ. ڊي آهين؟ ڪهڙو ڍنگ پڪيڙيو اٿئي؟ آئون هر هڪ سوال جو جواب خوش اسلوبيءَ سان ڏيندو رهيس. چيم: نه نڳ آهيان، نه چرس ٿو پيئان، نڪو ڪو جاسوس آهيان، لالڻ جو لقاءُ ڏسڻ ۽ پسڻ نڪتو آهيان. صوبيدار گودڙي کولڻ لاءِ چيو ۽ چيائين ته هن ۾ چرس يا آفيم هوندو يا جاسوسيءَ جا راز هوندس. وري چيائين ته جي اسين هٿ سان ڪا نشيدار شيءِ ملائي، توکي لاڪپ ڪريون ته پوءِ. مون چيو ته اهو به سندس سير آهي ۽ جيڪڏهن ڪرايائين ته اکين تي. ڪيسي مان پئسا ڪيرائي، پاڻ وٽ رکيائين ۽ مون کي اجازت ڏنائين. آئون مهرباني چئي، پنهنجو سامان کڻي هلڻ لڳس. ٿورو اڳتي وڌيس ته وري پٺيان سڏ ٿيو. بهرحال، صوبيدار صاحب مون کي پئسا واپس ڏنا. چانهه به پياري ۽ معافي پڻ ورتي. رات اتي ترسي، صبح جو سوير بس ۾ سوار ٿي ڪوٽ مٺڻ پهتس. جتي وضو ڪري حضرت خواجه غلام فريد رح جي درگاهه جي زيارت ڪيم. دعا ثواب کان فارغ ٿي، ٻاهر ورانڊي ۾ درگاهه سامهون منهن ڪري ويهي رهيس. ٿوري دير آرام ڪري، يڪتارو تيار ڪري، راڳ ۾ شروع ٿي ويس. مون ڪلام شروع ڪيو ته دروازي واري فقير اتي نچڻ شروع ڪيو ۽ ان کي ڏسي ڪي ٻيا فقير به اتي نچڻ ۽ ڦيريون پائڻ لڳا. مون کي فريدڻ سائينءَ جا جيڪي به دوهيڙا ياد هئا، سي سڀ چيم. پورو

منو ڪلاڪ هڪ ڪلام هليو. وري ٻيو ڪلام شروع ڪيم. اندازاً سوا ڪلاڪ ويهي ويس. اهو وقت مون تي جيڪا حالت طاري هئي، ان وجد جو ڪو بيان نہ هو. منهنجي اڳيان ڪيترائي پئسا گڏ ٿي ويا، جيڪي مون نہ کنيا ۽ نہ ڳڻيا. دروازي واري فقير کي چيم تہ اهي پئسا تون کڻ. ٻہ راتيون اتي رهيس. فقير ڏاڍي خدمت ڪئي.

ڪوٽ مٺڻ مان روانو ٿي ڊيرا غازي خان مياڻي ٻڍل شاهہ آيس. جتي سائين عبدالغفور شاهہ جن وٽ ترسيس. اتي چار پنج راتيون رهي، پوءِ موڪلائي ملتان شريف آيس. ملتان ۾ حضرت غوث الحق بهاؤالدين ذڪرياؒ جي زيارت لاءِ ويس. زيارت ڪري، دعا گهري، وري شمس تبريزؒ جي زيارت ڪرڻ لاءِ سندس اوڀر طرف نهيل درگاهہ تي پهتس. دعا گهري، ٻاهر نڪري، عبرت ۽ حيرت جي مڪانن جو سير ڪندو شهر ۾ موجود ڏهہ ڪان ٻارنهن ڪن زيارتون ڪيم ۽ رات جو وري ٻہ درگاهہ غوث بهاؤالحق تي ترسيس. ٽئي ڏينهن صبح جو اُچ شريف روانو ٿيس. اُچ شريف تمام جهونو شهر آهي، سندس بازاريون سوڙهيون ۽ گهٽيون پڪين سرن سان نهيل آهن. پهرين سيد جلال الدين شاهہؒ جي درگاهہ تي آيس. وضو ڪري زيارت ڪيم. دعا ثواب کان فارغ ٿي، پوءِ سڀي درگاهہ جو سير ڪيم. سڀي جاءِ ڪاٺ سان نهيل هئي. مون کي ياد آهي تہ ان جڳهہ ۾ اوڻٽيهہ ٿنڀ هئا. ڪيترين ئي ڪامون ۽ پٽيون ڇت ۾ لڳل هيون. سيني ٿنين تي اُڪريل چٽسالي، جو نهايت شاندار ۽ نفيس ڪم ٿيل هو. ڏسي حيران رهجي ويس ۽ انهيءَ حيرت ۾ تي چار ڪلاڪ اتي لڳي ويا.[1]

بابا وڏي متعلق ڪجهہ سارو ٽيون:

عجب دور ستمگر جا ڏسندو وڃان تو

جا گذري قلب تي سا سهندو وڃان تو.

---

[1] . 'خود نوشتہ احوال زندگي' عنوان تحت آيل مواد شروع ڪان وٺي* نشان تائين بابا وڏي محمد صابن ميمڻ جو هٿ اکر لکيل آهي. انهيءَ عنوان هيٺ آيل آخر تائين باقي احوال راقم الحروف "مسافر" ميمڻ جو تحرير ٿيل آهي.

مون جنهن خاندان ۾ اک کولي، اهو پڙهيل لکيل خاندانُ پنهنجي موجوده حالات مطابق، نوڪريءَ ۽ زرعي پيشي سان وابستہ رهندو پئي آيو آهي. جڏهن شعور ۾ آيس، تہ منهنجين اکين پنهنجي چاچي محترم محمد صابن ميمڻ عرف بابا وڏي (مرحوم) ۽ والد صاحب محمد وارث کي خانداني طور حال حيات ڏٺو. بابا سائين ۽ چاچا سائين تعليمي حوالي سان سنڌي فائنل پاس هئا ۽ کين بطور استاد مقرر ڪيو ويو هو. بابا سائين محمد وارث ڪنهن سبب جي ڪري نوڪري ڇڏي، هاريپي جي ڪرت سان وابستہ ٿي ويو. جڏهن تہ چاچا سائين عرف بابا وڏو آخر تائين استادي پيشي سان منسلڪ رهيو. ڏاڏا سائين مرحوم جان محمد جي وفات کان پوءِ ٻنهي ڀائرن جو گڏ رهڻ ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي پيو. والد صاحب هاريپي جي ڪري پاڻ گهڻو تڻو ٻني ٻاري جي ڪم ۾ مشغول هوندو هو جڏهن تہ خاندان جي ڪفالت ۽ نظرداريءَ جو بار چاچا سائينءَ جن وٽ رهيو. جيئن تہ پاڻ تعليمي سلسلي سان وابستہ هئو ان ڪري اسان (ڀائٽين) ۽ پنهنجن پٽن کي پڙهائڻ ۽ زندگيءَ جي ضروريات جو فرض احسن طريقي، سان آخر تائين نڀايائون. خانداني طور گڏ رهڻ ۽ ڪفالت جي ڪري آئون ۽ منهنجا ڀائر کين 'بابا وڏي' جي نالي سان سڏيندا هئاسون. بابا سائين پنهنجي حياتيءَ دوران مون کي ۽ منهنجي ڀائرن، خواهہ پنهنجي پٽن جي پڙهائيءَ ۽ شادي مرادي جهڙن فرضن کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي مڪمل ڪيو. جيئن جيئن شعوري پختگي ايندي وئي، تيئن آئون پڻ سندن فرمانبرداريءَ ۾ پختو ٿيندو ويس. ٻين لفظن ۾ سندن منظور نظر ٿي ويس. منهنجي هميشہ اها عادت رهي، تہ جڏهن بہ ڪيڏانهن وڃڻ ٿيندو هو يا ڪو ڪم هوندو هو تہ سندن علم ۾ ضرور آڻيندو هوس يا اجازت وٺندو هوس. جيئن تہ سندن روحاني محبت جو سلسلو مرشد سائين اعجاز علي راشديءَ سان وابستہ هئو ان ڪري مٿن پنهنجي مرشد سائين جن جي صحبت جو ڪافي اثر هو ۽ پاڻ وري اهو اثر اسان (پٽن، ڀائٽين ۽ ڀاٽيجن) تائين

ورهايائون. پاڻ هميشه مرشد سائينءَ جي امر موجب رهندا هئا ۽ سندن اها ئي ڪوشش هوندي هئي ته جيڪو به وقت گذري، شڪر ۽ صبر ۾ گذري. پاڻ جڏهن به سائين جن سان نيو سعيد آباد ملڻ ويندا هئا. ته اڪثر ڪري مون کي ۽ پنهنجي پٽ محبوب علي کي گڏ وٺي ويندا هئا.

سندن دوستيءَ جو ناتو استادي پيشي جي ڪري ۽ سائين اعجاز عليءَ جي صحبت ۾ رهڻ جي ڪري تمام وسيع هوندو هو. ايتري قدر جو انهيءَ دوستيءَ جي ناتي ۾ پنهنجي نوڪريءَ تان وقت کان اڳ رٽائرڊ ٿي، مرحوم ظفر علي ارباب (ساڪن: هالا)[1] جي ٻنين جي سار

---

[1]. سنڌ جي نامور عالم، اديب ۽ شاعر "منصور" ويراڳيءَ سنه 95_1994ع ۾ مرحوم ظفر علي ارباب جي ياد ۾ "سچڻ سفر هليا" جي نالي سان هڪ ڪتاب مرتب ڪري ڇپايو. انهيءَ ڪتاب ۾ بابا وڏي جا ظفر صاحب بابت لکيل تاثرات 'محبت ۽ سچائيءَ جو قدردان' جي عنوان سان شايع ٿيو. هتي اهو تاثر پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پوريءَ طرح ڏجي ٿو جنهن مان سندس نثر نويسيءَ تي عبور هئڻ جو پتو پوي ٿو.

محبت ۽ سچائيءَ جو قدردان

موتين جو ماڻ ۽ مُلهه ته هر ڪو سڃاڻي پر ڪائي ڪچ جو قدردان به ڪو ڪو! آئون امل ماڻڪ مڇڻ جي هار ئي ڪانه ٿو هئان... هڪ گمنام ڪنهن ڪنڊ ۾ پنهنجيءَ دل جا داغ ڌوئڻ لاءِ مالڪ سائينءَ جي درگاهه ۾ پيشانيءَ جي ڇوٽيءَ تحت دانهن ڪري رهيو آهيان ته:

سڌن مٿي سڌڙا، واڪو هڏ مَ لاءِ،
من ڪا ڪوڪ سنڌياءِ ڪوهيارل جي ڪن پئي

پنهنجي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين سان گڏ، قدرت سچائيءَ ۽ صبر جي سعادت سان نوازيو آهي، جا مون لاءِ عظيم دولت آهي ۽ اها ئي وڏي وٿ هئي، جنهن جي بدولت آءٌ محترم سائين مرحوم حاجي ظفر علي ارباب وٽ مانائتو ٿيس. سائين مرحوم سان سن 1961ع کان گڏ گذاريم ۽ توڙ نڀايم. جڏهن پاڻ بيٽ آفيسر مقرر ٿيو ۽ مون سندس زيردست جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو. ته ڪجهه وقت بعد ئي منهنجي سچائيءَ ۽ سفر جو ڪيس مڪمل طرح يقين ۽ اعتبار ٿي ويو. ان بعد امتحان تي مون کي گڏ وٺي هلندا هئا ۽ امتحان توڙي رڪارڊ جي چڪاس جو ڪم منهنجي اعتماد تي هوندو هو. پاڻ منهنجي چيڪ ڪيل رڪارڊ تي يڪدم بنا ڪنهن هٻڪ جي صحيح ڪندا هئا. ان کان سواءِ ٻني ٻاري جي حوالي سان مقاطع يا سنڀال قرب ۾ ڪيم. ان جو صرف حساب ڪتاب آئون ڪندو هئس ۽ منهنجي حساب ڪتاب تي مڪمل اعتبار ڪندا هئا. مالڪ سائينءَ جي ايتري مهرباني آهي، جو مون ڪوڙ ڪڏهن به نه ڳالهايو آهي ۽ حرام جي ڪمائي نه پاڻ کاڌي اٿم ۽ نه ٻئي کي کارائڻ جو ڪردار ڪيو اٿم.

زندگيءَ جي سفر ۾ سائين ظفر مرحوم ڪنهن وقت ڪجهه ڪاوڙ يا تيزي ڪندا هئا. پر برداشت ڪري ويندو هوس ۽ ٿوري وقت اندر اهڙو رويو رکندا هئا. جو سندن رخ مان معلوم ٿيندو هو ته ڄڻ معافي وٺي دل کي راضي ڪري رهيو آهي. پاڻ محبت ۽ سچائيءَ جو قدردان هو. هڪ خدا شاهد آهي ته مون ساڻس خدا ڪارڻ ۽ محبت جي وفائيءَ خاطر نڀايو. مطلب طلبي نه ڪيم ۽ پنهنجي پاڻ کي سدائين ڪس ڏانهن ڪيم. مرحوم انهيءَ حقيقت کي پروڙي ويندو هو ۽ ان جو قدر ڪندو هو. هونئن ته موصوف اسان جو آفيسر صاحب هو پر هڪ سٺو دوست به هو. اسان ساڻس ←

سنيال لاءِ گهوڙا ٻاڙيءَ طرف ضلعي نٿي ۾ ڪافي عرصو رهيا. جڏهن ته 85_1984ع ڌاري پٽ شاهه جي پرسان مقاطعي تي ورتل زمين جي پڻ سنيال ڪيائون. آخرڪار 1985ع جي آخر ۾ پاڻ انهن ڪمن کان فارغ ٿي، پنهنجي ڳوٺ پنجموري ۾ جنرل اسٽور کولي اچي ويٺا ۽ گهر جي ڪمن ڪارين کي وقت ڏيڻ لڳا.

1986ع دوران مون کي حيدرآباد ۾ هڪ هوٽل تي رسيپشن جي نوڪري ملي ۽ منهنجو ڪجهه عرصو حيدرآباد ۾ گذريو. جيئن ته منهنجو هوٽل قدم گاهه مولا علي جي پرسان هو جتي هر سال محرم جي مهيني ۾ مجلسون ٻڌڻ جو موقعو پڻ مليو. انهن مجلسن جي ٻڌڻ کان پوءِ، منهنجي اندر ۾ هڪ قسم جو اضطراب پيدا ٿيو ۽ ذهن ۾ ڪافي ڪجهه سوال پيدا ٿيا، جنهن جي پورائيءَ لاءِ آئون بابا سائينءَ کان سوال ڪندو هوس. پاڻ جواب ۾ چپ رهڻ لاءِ چوندا هئا. 1988ع ڌاري هوٽل جي نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ وري ڳوٺ ۾ رهڻ ٿيو. جيئن ته منهنجو ننڍي هوندي کان ديني حوالي سان گهڻو لاڙو هو. ڳوٺ ۾ رهڻ دوران تبليغ وارن جي صحبت جو ڪافي اثر ٿيو. ان اثر جي ڪري منهنجي اندر ۾ تبليغ تي وڃڻ جو خيال پيدا ٿيو جنهن جي لاءِ آئون ڪانئن اجازت پڻ گهرندو هوس. ان وقت به پاڻ چپ رهڻ لاءِ چيائون. ان بندش منهنجي اندر ڪافي سوال اٿاريا، پر ادب جي حوالي سان آئون ماٺ ۾ رهيس. خاص ڪري، تيندو ائين هو جو سانجهيءَ جي وقت آئون بابا سائين جن سان ڪچهري ڪندو هوس ۽ پاڻ اڪثر گهر ۾ سائين اعجاز جا ڪلام جهونگاريندا هئا ۽ انهن جي معنيٰ ۽ مطلب کان واقف ڪندا هئا ۽ سوالن جا جواب پڻ سمجهائيندا هئا. جيئن ته مٿن تصوف جو رنگ چڙهيل هو ان ڪري زياده تر صوفياڻي ڪچهري

➔ سندس پاڻرن ۽ پٽن سان نڀايو. پاڻ اسان جي پٽن ۽ عزيزن سان ڏک سک ۾ نڀايائون. سندس دوستن جو دائرو وسيع هوندو هو. خاص ڪري استادن، مخلصن، وڏن ماڻهن ۽ عام ماڻهن سان ميل ميلاپ، ميٺ محبت ۽ شاديءَ غميءَ ۾ وقت تي پهچڻ ۽ نڀائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا هئا. اهڙين عجيب صفتن وارو انسان اڄ اسان کان جدا ٿي ويو آهي پر، دل اڄ به ياد ٿي ڪري، ته ڪٿي آهي اهو محبت ۽ سچائيءَ جو قدردان....!

ڪندا هئا. هڪ ڏينهن معمول جيان گهر ۾ سانجهي نماز کان پوءِ ڪچهري شروع ٿيڻ کان اڳ پاڻ مون کي ڪلمي شريف جي ورد لاءِ چيائون ۽ ڪافي دفعا ان جو ورد ڪرايائون. ڪجهه دير جي ماٺ کان پوءِ پاڻ ڪلمي طيب جي مفهوم ۽ اسرار کان واقف ڪيائون. بقول 'خواجه غلام فريد' جي:

مين عشق دي دين دا درس پڙهيم، بيا درس پڙهان تان ڪافر هان.
ڏي حسن تجلي تاب ميڪون، بي تاب سڙان تان ڪافر هان.
جنهن راه تون ميڪون يار ملي، بي راه لڙان تان ڪافر هان.
جي عشق "فريدا" اي سر منگي، مين مک موڙان تان ڪافر هان.

سندن ان اسرار جي آشڪار ڪرڻ کان پوءِ، آئون ڪٿي هيس ۽ ڪيڏانهن ويس، ڪا خبر نه رهي. ڪو وقت مون تي سڪتو طاري ٿي ويو ۽ چپ ٿي ويس. نه سوال رهيو ۽ نه جواب ڏيڻ جهڙو رهيس. ڪجهه مهينا ته گونگو ٿي ويس ۽ جڏهن پاڻ سمجهيائون ته وري هڪ ڏينهن ڪچهريءَ ۾ چيائون ته هاڻ وڃ! ماتم به ڪر ۽ تبليغ به ڪر. آئون اجان پهرين ڳجهارت کي سلجهائي نه سگهيو هوس، ته مٿان وري ٻي ڳجهارت. آئون اڻ ڄاڻ ۽ بي عقل، سمجهان ڇا سمجهان. عقل ۽ دماغ ڪوبه فيصلو نه ڏئي رهيا هئا. نيٺ کين سمجهاڻيءَ لاءِ عرض ڪيم، ته پاڻ فرمايائون ته جي ماتم ڪرڻو اٿئي ته پنهنجي گناهن تي ڪر ۽ جيڪڏهن تبليغ ڪرڻي اٿئي ته پنهنجي نفس (يزيد) تي ڪر، ڇو ته تبليغ لاءِ پهرين تون پاڻ آهين. ڏس ته تون ڪيترو حق تي آهين ۽ حق جو ڪيترو ساٿ تو ڏنو. بس، جيڪي ڪجهه اٿئي، پنهنجي اندر ۾ اٿئي، ٻاهر ڪجهه به ڪونهي. بس تلاش ۽ جستجو ختم ٿي ۽ سڀني سوالن جا جواب ملي ويا ۽ چپ ٿي ويس.

پاڻ هميشه حق حلال جي تلقين ڪندا هئا. اهو ئي سبب هو جو جڏهن پاڻ ظفر صاحب جون ٻنيون سنڀاليندا هئا ته ان دوران هڪ ڏينهن مون کين چيو ته توهان زمين جا رکوالا آهيو ۽ ڪجهه ڪٺو ته پاڻ به ڪا زمين وغيره وٺون. پاڻ ڪجهه وقت خاموش رهيا ۽ مون کان

پڇيائون تہ ڇا تون حرام کائيندين؟ مون جواب ۾ چيو تہ نہ ان تي پاڻ چيائون تہ پوءِ ڇو تو مون کي حرام کٽي اچڻ لاءِ چوين! جيڪڏهن آئون اهو حرام جو مال کٽي بہ اچان، تہ پوءِ آخرت ۾ تون مون کي ڇڏائيندين. مون کان اهو نہ تو پڇي، جو پنهنجن ٻچن کي حرام کارايان. ساڳئي وقت، اها تنبيهہ بہ ڪيائون تہ وقتي دنيا لاءِ ڪڏهن بہ حرام جو سهارو نہ ونجو. ايتري قدر جو جڏهن مون کي 1989ع جي آخر ۾ بئنڪ ۾ گودان ڪيپر جي عارضي نوڪري ملي، تہ ان وقت بہ پاڻ مخالفت ڪيائون ۽ پنهنجي ڪوشش سان مون کي بطور جي. ايس. ٽي. جي نوڪري وٺرائي ڏنائون ۽ چيائون تہ منهنجي نظر ۾ تون اتي بهتر آهين. پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي راءِ جو تمام گهڻو خيال ڪندا هئا.

محبت جو اهو سلسلو روان دوان رهيو. انهيءَ دوران سندن دوستيءَ جي دم ۾ ڪافي اهل علم، شاعر ۽ صوفي منش ماڻهن سان ملاقات، ڪچهري ۽ خدمت جو موقعو مليو جن ۾ سائين محب الله شاهہ راشدي، سائين "اعجاز" راشدي، منصور "ويراڳي"، فقير صادق پنيرو (ڪپرو)، "حافظ" محمد بخش خاصخيلي، سائين انور الدين جتوئي (نوان جتوئي)، استاد عبدالحڪيم "ارشد" لڪمير، بشير احمد هيسباڻي، استاد محمد عالم لغاري، پير غلام مجدد سرهندي، محمد خان مڱڻهار، اظهر سمون (مٺياري)، گلزار علي لغاري، بادشاهہ (هوت) خان نوحاڻي (ڏگهڙي)، مير محمد پيرزادو، سيد امداد علي شاهہ (اڳرو راهو)، سيد غلام محمد شاهہ (سيراچ ڪاڪا)، حاجي عبدالخالق عرف حاجي خاڪن ڏيٿو وغيره. سندن دوستيءَ ۽ ڄاڻ سڃاڻ جو سلسلو تمام گهڻو هو جڏهن تہ مون هتي صرف انهن شخصتين جي نالن تي اڪتفا ڪئي آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو ڪتاب 'سخن اعجاز'، جنهن ۾ سندس بين ڪافي دوستن جا نالا درج ٿيل آهن.

سال 1998ع ۾ سائين اعجاز جي رحلت کان پوءِ، پاڻ سائين جن جي ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ لاءِ ڪوشان رهيا. تحقيق جي حوالي سان ڪٿي بہ وڃڻ ٿيندو هو تہ آئون ساڻن گڏ هوندو هوس. جيتوڻيڪ پاڻ

اهو سڄو سارو بياض سائين جن کان روبرو چيڪ پڻ ڪرايو هئائين. سائين جن جي رحلت کان پوءِ اڪثر خاموش رهندا هئا ۽ سائينءَ جي رسالي کي قلمي صورت ۾ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا هئا.

جڏهن سائين اعجاز جن جو ڪتاب قلمي صورت ۾ مڪمل ٿيو ته اها سال 1999ع جي ڊسمبر جي 4 تاريخ هئي. آئون رات جو سندن ڪمري ۾ ويس ۽ اها منهنجي عادت هوندي هئي، ته رات جو بابا سائينءَ سان ڪچهري ڪري پوءِ سمهندو هوس. اهڙيءَ طرح، پاڻ مون کي ويهڻ لاءِ چيائون ۽ ٻڌايائون ته اڄ اسان جو ڪم پورو ٿي ويو يعني: پاڻ سائين اعجاز جن جو ڪتاب مڪمل ڪري ورتو اٿائين. جڏهن ته ان ڳالهه مان اهو به اشارو هو ته هيءَ اسان جي آخري رات پڻ آهي، جيڪا ڳالهه آئون سمجهي نه سگهيس. ڪين دم ۾ سهڪ جي آرزو رهندي هئي، پر ان رات اهو محسوس نه ڪرائيندي ڪچهري ڪيائون ۽ گذريل وقت جي ساروڻين کي ورجايائون. تقريباً 12 وڳي ڊاري مون کي موڪل ڏنائون ۽ اهڙيءَ طرح تاريخ 5 ڊسمبر 1999ع مطابق 26 شعبان المعظم 1419هه بروز آچر تي پنهنجو دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيائون.

92_1991ع ۾ پاڻ پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هئائون ته سندن هن دنيا مان سفر جي پڄاڻي آچر جي ڏينهن صبح جو سوير يا سانجهيءَ وقت ٿيندي، جيڪا لکت اڄ تائين سندن هٿ اکر موجود آهي. سندن رحلت ڇا هئي، آئون سمجهان ٿو ته خصوصاً مون لاءِ دنيا ختم ٿيڻي هئي، ڇو ته ڪنهن الله واري جي بقول ته "مرشد جو دنيا مان وڃڻ، هڪ سچي مريد لاءِ قيامت کان گهٽ نه هوندو آهي."

نانا نظير احمد (پاٽيجو) پڻ سندن حياتيءَ ۾ ۽ مرشد سائين اعجازؒ جي صحبت جي ڪري ان رنگ ۾ رنڱجي چڪو هو ۽ خاص ڪري بابا جن سان گڏ صوفياڻين محفلن ۽ ميلن ۾ ويندڙ هو. جنهن ڪري هُو پڻ فقيرن ۾ پڻ گهڻو مشهور ٿي چڪو هو. بابا سائينءَ جي رحلت کان پوءِ، نانا نظير احمد اڳتي آيو ۽ سائين سجاد الرسول شاهه (گادي نشين) جي رهنمائيءَ ۾ سائين اعجاز جي رسالي کي ڇپرائڻ ۾

اهم ڪردار ادا ڪيائين ۽ اسان کي بابا سائين جي کوٽ محسوس ٿيڻ نہ ڏنائين. ان بعد، نانا سائينءَ بابا سائين جي ڪلام کي پڻ ترتيب ڏئي ڪمپيوٽر مان پروف ڪڍرايا هئا، پر ڪجهہ مصروفيتن جي ڪري اهو ڪم پايہ تڪميل تائين پهچائي نہ سگهيو. 2 شوال المڪرم 1433هہ مطابق 2 آڪٽوبر 2008ع جمع رات جو اوچتو نانا نظير احمد ۽ بابا وڏي جو وڏو فرزند جان محمد نيو سعيد آباد ۾ مڪان ڏانهن ويندي روڊ حادثي ۾ ٻئي شهيد ٿي ويا.

انهيءَ متئين بيان ڪيل صورتحال جي نتيجي ۾ بابا سائين جن جو ڪتاب جُڙي نہ سگهيو. ان بعد، ان ڳالهہ کي مون پنهنجو اولين فرض سمجهيو تہ بابا سائين جن جو جيڪي ڪجهہ ڪلام چيل آهي، ان سان گڏ ڳوٺ پنجموري جي تاريخ ۽ هتان جي روحاني شخصيتن وغيره جي احوال کي سهيڙيو، ڪتاب جي شڪل ۾ آڻيان. جيتوڻيڪ هن ڪتاب کي ترتيب ڏيندي ان ۾ آيل سمورو مواد بابا سائينءَ اڳ ۾ ئي پنهنجن ڊائرين ۾ لکي ڇڏيو هو. مون فقط ان مواد کي ڪجهہ اهل علم دوستن جي مدد سان ترتيب ڏئي، ڪتابي شڪل ۾ آندو آهي. بابا سائينءَ جي پونئيرن ۾ سندن فرزند محبوب علي ۽ قربان علي ميمڻ استادي پيشي سان وابستہ آهن. جڏهن تہ سندن ننڍو پٽ عمران علي درزڪو ڪم ڪندو آهي. ان سان گڏ، سندس ڀاءُ محمد وارث ۽ ان جو اولاد، جنهن ۾ سندس پُٽ گلزار علي، حضور بخش، منظور علي، رشيد علي، سڪندر علي ۽ نثار علي ۽ انهن جو اولاد وغيره شامل آهن.

احقر
"مسافر" ميمڻ

محمّد صابن "خاڪي" پنجمورائيءَ جي خاندان جو شجرو

- محمّد خان
  - محمّد صابن (اول) -(اولاد لاءِ ڏسو ص 55)
  - محمّد بچل
    - ابراهيم
      - امين (لاولد)
    - غازي
      - سچيڏنو
      - ابراهيم
        - سائينڏنو
      - آچر
        - مشتاق
  - سچيڏنو (لاولد)
  - عبدالله
    - محمّد
      - مومن
        - عبدالله
      - عقلدار (لاولد)
      - مولا بخش (لاولد)
      - مور
        - محمّد خان
      - مقبول
        - محفوظ
    - امام علي
      - ڏتي بخش

اولاد محمّد صابن (اول) ولد محمّد خان ميمڻ

- محمّد صابن (اول)
  - جان محمّد
  - محمّد صابن (دوم) "خاڪي" پنجموراڻي
    - جان محمّد (لاولد)
    - محبوب علي
      - محمّد عارف
      - ابرار علي
      - سراج احمد
      - مهتاب علي
    - قربان علي
      - محمّد صابن (سوم)
      - عبدالصمد
      - افضل علي
      - انيس علي
      - ذيشان علي
    - عمران علي
  - محمّد وارث (اولاد لاءِ ڏسو ص 56)

اولاد محمّد وارث بن جان محمّد بن محمّد صابن (اول)

- محمّد وارث
  - گلزار علي (مرتب)
    - مظفر علي
    - مظهر علي
    - اياز علي
    - جاويد علي
  - حضور بخش
    - وقار الملک
    - مزمل
    - اكمل
  - منظور علي
    - لطف الله
    - ظفر الله
    - نعمت الله
    - عصمت الله
  - رشيد علي
    - حسيب الله
    - كرم الله
  - سكندر علي (لاولد)
  - نثار علي
    - محمّد علي
    - جان محمّد

خاڪيءَ سندو خيال

متن

(ڪلام... خاڪيءَ پنجموراڻي)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم

اما بعد! سالو قبله سائين سيد محي الدين شاهه
ولد اعلىٰ حضرت قبله سائين سيد
احسان الله شاهه راشدي

جن جو نسب هن طرح سان سلسلي وار پاڳاري
خاندان قبله سائين محمد راشد شاهه روضي ڌڻي
رحمة الله عليه جن سان ملي ٿو. اُن ڪري راشدي
خاندان جي نالي سان هي خاندان مشهور آهي
پير سائين روضي ڌڻي جو خاندان شاهه محمد
لکڻ وارن سان ملي ٿو. اُن ڪري هي خاندان
لکياري خاندان سان به سڏجي ٿو. مختصر احوال
هيئن آهي. سيد محي الدين شاهه بن سيد احسان الله شاهه
(لنڊ ڌڻي) بن سيد رشد الله شاهه (جهنڊي ڌڻي)
بن سيد رشيد الدين شاهه (بيعت ڌڻي) بن
سيد محمد يٰسين شاهه (جهاڳين وارا) بن
سيد حضرت محمد راشد شاهه
روضي ڌڻي رحمة الله عليه

(محمد صابر "خاڪي" پنجموراڻيءَ جا هٿ اکر)

ابيات

(1)

دلڙي ڏنيم تو يار کي، رکج سَجَڻَ! سنڀالي،
ڪٿي اتم قرب لاءِ، تو حبيب حوالي،
"خاڪيءَ" کي خريد ڪيُئي، سو جدا ڪيئن جالي،
الله جي ناليِ، منهنجي دل کي رکجئين دل سان.

(2)

دل کي رکجئين دل سان، ٻيٺا وجهي ٻَڪَ،
تہ لهي آوساڻَ اندر جي، ڏور ٿين سڀ ڏُکَ،
"خاڪي" هن خبر جي، پوي نہ ڪنهن پَرکَ،
ٿينئي ڄمارُون لَکَ، منهنجي دل کي رکجئين دل سان.

(3)

سِڪندي سِڪندي سِڪ ۾، گهاريم سڀ ڄمار
دوست دلبر دل ۾، لاٿيَئي يار! لغار
وَڃائون سڀ وسري ويون، ڪانهي سُرتِ سنيار
نشا چڙهيا نيڻهن جا، "خاڪيءَ" کي خمار
پيريءَ تائين پچار، آهي تنهنجي عشق جي.

(4)

هيڪر هلي آءُ، تون وري يار! وري،
سَري تنهنجي سُپرين، پر منهنجي ڪا نہ سَري،
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، آهي ڏاڍي دل پري،
"خاڪيءَ" سندي خيال ۾، تنهنجي ذوق ذري،
ٻيهر ٻاهه ٻري، آهي تنهنجي عشق جي.

(5)

دل ڪي رڪجئين دل سان، ساجد مَجُ صلاح،
تون دلبر ڏٺي دل جو، تون پرين، تون پساهه،
مرشد 'محي الدين' تون، هادي تون همراهه،
خوشيُون "خاڪيءَ" تي ڪيئي، نرمل! نيڪ نگاهه،
تنهنجي اکين منجهه الله، آهي مون اثبات ڪيو.

(6)

آهي مون اثبات ڪيو ڏپ نه ڪو آ ڏاءُ،
سچڻ سنديءَ سڪ جو ثابت چڪيم ساءُ،
"خاڪيءَ" سر گهوري ڇڏيو ڪيو پوءِ نه سُڌُ سماءُ،
لالڻ منجهه لڪاءُ، جي ڏسو مون جيئن جيڏيون.

(7)

ڏول ڪيئي جي قول مون سان، سي پاراچي هڪ واريه - ٿئي بهاريه
مڙئي مدايون معاف ڪريه تون دوست ڏي دلداريه - ٿئي بهاريه
عيب ڍڪي هن اوڳيءَ جا، سهڻا ڪر سرداريه - ٿئي بهاريه
"خاڪيءَ" تي 'اعجاز'! ڪرين ڪا، پنهنجي نظر پياريه - ٿئي بهاري

(8)

'اعجاز'! تنهنجا آباد هجن، هي محبت وارا ميڙا، - وَسَنئي ويڙها،
آسودو رهين تون شاد سدا، نابود ٿين ڪر ڪيڙا، - وَسَنئي ويڙها،
هن گنج منجهان سڀ سَهِنجُ ٿيئي، رب پار ڪرئي شل ٻيڙا، - وَسَنئي ويڙها،
صبرصداقت، طاعت تقويٰ، سيئي توسان سهيڙا، - وَسَنئي ويڙها،
تنهنجي سچائي سبق اسان لاءِ، قسم ڪٿان ٻيا ڪهڙا، - وَسنئي وڙها،
"خاڪيءَ" سان سڀ ڀال ڀلايون، تنهنجا ٿيڙا ٻيڙا، - وَسَنَئي ويڙها.

(9)

ساهہ صدق قربان ڪري، اڄ سر جو سانگو سَٽيو ـ هاڻ نہ هَٽيو
يار ڪٺي انڪار ڪيو تہ بہ مُنهنڙو مُور نہ مٽيو ـ هاڻ نہ هَٽيو
پيار جنهن سان ننڍپڻ ۾ لاتم، ڪيئن پلا سو گهَٽيو ـ هاڻ نہ هَٽيو
ميدان جنهين ۾ سِرَ جي بازيءَ "خاڪي" سو پِڙُ ڪَٽيو ـ هاڻ نہ هَٽيو

(10)

مون ڪي ماهہ جبين، ڪئي هدايت حق جي،
سدا رهہ صبر ۾، ڪُڇ پُڇُ واتان ڪين،
ٻَڌج توَڪل ٿُرهو ثابت ساڻ يقين،
"خاڪيءَ" کي 'اعجاز' ڪَئِي، تهدل هيءَ تلقين،
تہ الحمد لله آمين، ڏَور ڪندو رهہ دل ۾.

(11)

دانُ ڏئين تو ڏُهرا، تو در جي اڇن،
ڪِنا ڪوجها ميرڙا، هَرَئي چو نہ هجن،
پَريو پَندار پرم جا، وتان تو وجن،
ڏِين ونڌُ ورهائيو، پوءِ جيڪي جيئن وٺن،
ڪي نوازين نظر سان، ڪي گهائين منجهہ گُفتن،
ڪي دم درس دَروني سان ڪي موهين ساڻ مُرڪن،
ڪي ادب ۽ اخلاق مان، ڪي صبر مان سِکن،
ڪي سڪائين سِڪ ۾، لنئون سندي لياڪن،
انهين پارين 'اعجاز' تون، تو مست ڪرين مستن،
"خاڪي" انهيءَ خيال ڪي، سمجهو ڪي سمجهن،
مري مري جيئن، ماڻن سي مشاهدو.

(12)

هادي تي همراهہ، گمراهي گرداب ۾،
آهي نفس اماره ڪئي، مون تي ڪستئون ڪاهہ،
ڪاڻهي ڪميڻيءَ جي، وارث تو ريءَ واهہ،
"خاڪيءَ" سندي خيال کي، سمجهائين سنئين راهہ،
ڪري نيڪ نگاهہ، اوکيءَ مان اُڪار تون.

(13)

هادي منهنجي حال تي، نظر نوري ڪر،
حقيقت مون حال جي، توکي ثابت سر بسر،
منشا رکي من ۾، آيس داوَرَ تنهنجي دَرِ
"خاڪيءَ" سندي خيال تي، نافعَ ڪر نظر،
مخفي سڀ منظر، مظهر ۾ معلوم ٿئي.

(14)

جاني هن جهان ۾، ڪوجها ڪر نہ ڪم،
اٿئي ملڪ فنا جو رکو غم وهم،
مخلص ٿي مخلوق سان، پري قرب قدم،
جيڪي جيئرا دم، سي پورا ڪج پريت سان.

(15)

جامع آهي جهان ۾، قدرت جو ڪمال،
جاڻج حق همہ کي، حاصل ڪر حال،
ظاهر ذوالجلال، "خاڪي" پسندين خيال ۾.

(16)

پسيين جو ڪُنَ پَنُ، آهي امر ان جو
امر سان اظهار ٿيو 'ڪنز' منجهان چئي 'ڪُنُ'،
مظهر مان معلوم ٿيو 'فَيَڪُونَ' وارو فن،
'اقرب' ۽ 'نَحنُ'، "خاڪي" خود خيال ٿيو.

(17)

پسين پنهنجي پاڻ ۾، جيڪو ساهه پساهه،
'وَنفخت فيهه من الروحي'، ان جو ئي ارواح،
اُتس عبديت جو پردو پوش پناهه،
"خاڪي" سڀ مخلوق آ، راز 'ڪنز' جو راهه،
آدم منجهه الله، آهي مظهر عشق جو.

(18)

دم دم سندو دل ۾، ڌَري ڌِس ڌِيان،
عدم مان موجود هو ماٽيئين ملڪ مڪان،
عبديت جي اولي جو جامو پهري جان،
"خاڪي" گم تي خيال ۾، لاهي شڪ گمان،
صفت منجهه سبحان، آهي مظهر عشق جو.

(19)

ڏسڻ واري ڏيهه کي، ڏوري ڪي ڏسندا،
پائي جهاتي جيءَ ۾، ڪات هيئان ڪسندا،
"خاڪي" انهيءَ خيال کي، راز وارا رسندا،
پرين سي پسندا، رهبر جن سان راهه ۾.

(20)

ڏسڻ واري ڏيهه کي، ڏوري ڏٺو جن،
پاڻ سڃاتو پانهنجو اتي اشرافن،
ڪنهن سان ڪڇن ڪينڪي ماٺ مطالع ڪن،
"خاڪي" پنهنجي خيال ۾، ڳجهان ڳجهه ڳَهن،
تون پڙ وتان تِن، ماٺي ڏس مشاهدو.

(21)

ڏسڻ واري ڏيهه کي، ڏوري ڏٺائون،
هِي، هُو هيڏانهن، هوڏانهن، سڀ ۾ سوجهيائون،
ڪٿي ڏٺئون ڪونہ ڪي تون، مون، آئون،
"خاڪي" خاڪو خيال جو خود جو ڪوليائون،
تہ پاڻئون پسيائون، ساجن سندو سوجهرو.

(22)

نيستيءَ نيئي، هستيءَ کي حيران ڪيو
پاڻ وڃايم پانهنجو پاڻان منجهہ پيئي،
ٿيون تسلاتون تن کي، مون کي منجهان ئي،
ساجن سِڪ ڏيئي "خاڪيءَ" کي خوشحال ڪيو.

(23)

هنئين ساڻ هنداءِ جي توسان ڪريان ڳالهڙيون،
صبر، سِڪ ۽ سچ جي، دامن هٿ ۾ پاءِ،
درگذر ڪر دلير ٿي، ڪاوڙ ڪيمَ ڪماءِ،
اندرُ آئينو ڪري، تنهن ۾ پاڻ پساءِ،
"خاڪي" گم ٿي خيال ۾، خوديءَ کي ڪپاءِ،
تهان پوءِ ڪنداءِ، پرين توکي پانهنجو.

(24)

آهين خود خيال، اٿئي مطلب خيال ۾،
خيال ڪمائي خيال سان، ماڻج جوت جمال،
تہ واحد جو وصال، "خاڪي" پسندين خيال ۾.

(25)

وحدت ڪثرت وچ ۾، ويا سي نہ وريا،
ڪيل قول 'قالوءَ' جا، پورا تن پريا،
هتي هن لباس ۾، چئجن سي چريا،
"خاڪي" انهيءَ خيال کي، سمجهن سرت پريا،
سي توڪل ساڻ ٽِريا، گمراهيون گرداب جون.

(26)

ٻوڙي ٻيائيءَ کي، پٽي پاڙئون چڏ،
جنهن کي پانئين جدا ٿو اٿئي سو ئي گڏ،
'اَلانسانُ سِري وَ اَنَا سِرَه'، اندر پنهنجو اڏِ،
"خاڪي" پنهنجي خيال مان، لاهِ پا سڀ لَڏِ،
جنهن کي ڪرين سڏ، سڏڻ وارو سو آهين.

(27)

آئينو عجيب کي، ڪوهُ نہ ڪيئي ڪالهہ،
حيف تُنهنجي حال، جو ڏٺئي ڪين ڏسڻ کي.

(28)

آئينو عجيب کي، جنين ڪالهہ ڪيو
حاضر حقيقت جو پرو تن پيو
ڏٺئون ڪونہ ٻيو "خاڪي" پنهنجي خيال ۾.

(29)

آئينو عجيب کي، ڪالهہ نہ ڪيئي ڪوهہ،
مايا، مال مهت جو تو توکي ماري موهہ،
'اَلدنيا جيفتاً وَ طالبُ ڪلا ٻها'، لڳي ٿئين لوهہ،
پاٽهئي "خاڪي" پاڻ سان، ايڏو ڪر نہ اندوهہ،
آئيني مان اک ڪيڻُ، ڏاڍو اٿئي ڏوهہ،
تڏهن ٿيندءِ توهہ، جڏهن سچاٽندين سيد کي.

(30)

آئينو عجيب ڪي، ڪالهه ئي ڪيو جن،
تيون تسلائون تن ڪي، مَنجهئون منجهان مَن،
اُهي ئي آهن، "خاڪي" گُم خيال ۾.

(31)

آئينو عجيب ڪي، وجي ڪري ويهُه،
اتئي اُتي عشق جو انت نہ ڪوئي ڇيهُه،
"خاڪي" سمجهه خيال ڪي، ڏور مَ تون پرڏيهه،
پَلَڪَ پائي پيهه، تہ ملئي وَتِ وصال جي.

(32)

آئينو عجيب ڪري، اندر تون اُجار،
ڪوري ڪڍ قلوب مان، ٻيائيءَ جي ٻار،
ڪاهي پَئُ ڪارونيار ۾، اڳ پوءِ ڪيمَ نهار،
رکندين سِڪ سيد جي، تہ ٻيڙا اتئي پار،
"خاڪي" خبردار، حيرت واري حال ۾.

(33)

آئينو عجيب ڪري، ڏِٺم نيٺ الله،
سوئي محب مجيب سو، رهبر سوئي راهہ،
"خاڪي" رکج خيال ۾، وڏو اِيہُ ويساهہ،
سوئي ساهہ پَساهہ، سوئي رڳون ساهہ جون.

(34)

آئينو عجيب ڪري، پنهنجو پسج پاڻ،
صورت ۾ سمائجي، سچو سِرُ سڃاڻ،
تہ حاضر حقيقت جو پوي تو پرياڻ،
جاڻ اهوئي جاڻ، مشاهدي ۾ مَحوِ ٿي.

❖

وايون

(1)

آهــــي پــــاڻ الله،

ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

'خلق الآدم عليٰ صورته'، آهي پاڻ گواهه،
ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

سڀ جاءِ، سڀ هنڌ، صورت وارو ناهي آيو ٿاهه،
ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

عشق، حسن جي عين اشاري، آيو ٿي ارواح،
ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

ڪاٿي هادي هدايت وارو ڪاٿي ٿيو گمراهه،
ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

اٿم "خاڪي" روز ازل کان، وحدت منجهه ويساهه
ريءَ الله ٻيو وري ڇاهي!

❖

(2)

سوين نالن سان سڏجان پيو
پر آهيان عشق سڳورو يار!

پنهنجي گهر ۾ پاڻ وڃائي، پنهنجو تيڙس گهورو يار،
پر آهيان عشق سڳورو يار!

راز پنهنجي سان پاڻهئي آيس، ڪنهن تي ڪونهي توروِيار،
پر آهيان عشق سڳورو يار!

'آدم' اولي عشق ڪمايم، آهيان آدم خورو يار،
پر آهيان عشق سڳورو يار!

حاضر ناضر آهيان هر جاءِ، نرمل نينهن نسورو يار،
پر آهيان عشق سڳورو يار!

"خاڪي" پنهنجو نام سڏائي، ڳوٺ ۾ڏم 'پنجمورو' يار،
پر آهيان عشق سڳورو يار!

❖

(3)

حق موجود همہ ۾ آهي، ننگ ڇڏي تي نانگو
لاهي سانگو!

لوڪ ملامت، جهيڙا جُنيون، پاءِ گلا جو گهانگهو
لاهي سانگو!

اُلٽي جهات اندر ۾ پائي، اُلٽو وڃ اٽانگهو
لاهي سانگو!

'مُوتُو قَبلل' مرد مري وڃ، لنگهہ اِهو تون لانگهو
لاهي سانگو!

"خاڪي" خيال ٻيا سڀ ٻوڙي، ٻنجُ برهہ جو ٻانگو
لاهي سانگو!

❖

(4)

عشق اڳون آ ديس گرو
امرت هي اوتار همارا!

تن من تار طلب دي لايس، تومر نومر تنن ٽرو ٽرو
امرت هي اوتار همارا!

پوت پرم دا پولا ين ڪي، تيان تيان ڪر تيان ترو
امرت هي اوتار همارا!

آپي آپ اندر وچ آيا، دام هري هر نام هرو
امرت هي اوتار همارا!

پنت پرولي پرجهي "خاڪي"، شام صبح ڪر شبد شُرو
امرت هي اوتار همارا!

❖

(5)

آپ ڪون آپ ويکڻ ڪيتي،
آپ ئي آتا جاتا هون!

سير همارا سب جا هويا، صورت وچ سماتا هون،
آپ ئي آتا جاتا هون!

’وَنحنُ اقربُ‘ وار نہ ويچا، ڪامل قرب ڪماتا هون،
آپ ئي آتا جاتا هون!

مائي، باپ، نہ بيٽا ميرا، ڄايا نہ ڪنهن ڄاتا هون،
آپ ئي آتا جاتا هون!

منصوري منصب دي اندر، گيت ’اناالحق‘ گاتا هون،
آپ ئي آتا جاتا هون!

”خاڪي“ چولي اندر ٻولي، سارا سُر سناتا هون،
آپ ئي آتا جاتا هون!

❖

(6)

هِردي اندر هُو هُو هُو

هـــر دم حـــق الله!

دم سان دل ۾ دائم قائم، ڏيان ڏمالي ڏُو ڏُو ڏُو

هـــر دم حـــق الله!

گهٽ ۾ گهيرو گيان گگن جو گردش سان گڏ گمُو گمُو گمُو

هـــر دم حـــق الله!

جوت جمالي جلوي سان تي، جان جسم ۾ جُهو جُهو جُهو

هـــر دم حـــق الله!

ڇاتيءَ منجهه ڇپايم "خاڪي"، ڇير ڇنن ڇم ڇُو ڇُو ڇُو

هـــر دم حـــق الله!

❖

(7)

اڄ تہ لڪي لنئون لايون،
لنئون ڇو لڪايون لوڪان لڪايون.

پيار جون ڳالهيون پاڻ ۾ اوريون، ٻئي ڪي ڇا لاءِ ٻڌايون.
سوز سچايون، سيني سمايون.

حال ونديون هڪ ٻئي سان ويهي، جيءَ منجهہ جوڙي جايون.
سوز سچايون، سيني سمايون.

ساهہ سلهاڙي ساڄ سائين، ڳالهہ اها وري ڳايون.
سوز سچايون، سيني سمايون.

خيال جون خيال ۾ "خاڪي"، واري واري ورجايون.
سوز سچايون، سيني سمايون.

❖

(8)

اِٿان مقصد اور نہ لائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

آپ ويکڻ دا پيوسي اراده، 'ڪُن' دي بين بجائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

عشق امانت آپي اٺاڪي، بار برهہ سر چائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

عاشق معشوق دا جاما پاڪي، آپي عشق ڪڏائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

اپڻا آپ وچ ويک نظارا، گيت 'اناالحق' گائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

پهر پوشاڪان رنگ برنگي، شوق شغل فرمائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

ڪٿان مومن، برهمن، جوشي، ڪٿان ساڌ سڏائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

ڪٿان ظالم، ڪٿان ٿالم، ڪٿان آپ کهائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

ڪٿان زاهد، عالم، قاري، ڪٿان ڪفر ڪمائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

سير سمورا ٿاب پيوسي، ناتا توڙ نيائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

"خاڪي" چولي ابديت اولي، اِنس ۾ آپ الائي هون،
اسان آپ کون ويکڻ آئي هون!

❖

ڪافيون

(1)

ڪانهي ڀي ڪل يار ڏولڻ،
پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

پنهنجون سوچون پاڻ ۾ سوچون، پنهنجي پاڻ کي پاڻ ۾ لوچيون
خاصا تي خبروار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

پاڻ پسائين پنهنجو پسارو صورت واري سير ۾ سارو
نظارو نروار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

يار پرينءَ جا پار سڃاڻون، ڏار نہ تنهن کي دل کان ڇاڻون،
هر دم تي حبدار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

نظر ۾ آهي نقش اهو ئي، سر ۾ سڃاتم ثابت سوئي،
ساقي سيد سردار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

معنيٰ واري مام جا ماهر، 'ڪُل شيءِ' تي آهيون قائم قادر
اهڙا اٿئون اختيار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

"خاڪي" خيال تو خيال کي کولي، انس جي چولي پاڻ تو ڀولي
اهو اٿم اعتبار ڏولڻ، پنهنجيءَ ۾ بس آهيون پورا.

❖

(2)

جيڪو سمجهي جيئن،
تنهن جي ڏسڻ ۾ تهڙو آهيان.

جوئي آهيان سوئي آهيان، ڪُجهه ني هوندي نوئي آهيان،
عشق حسن ساڻ ائين، اصل کان بس اهڙو آهيان.

ڏس ڏسڻ سان ڏيهه سڄي ۾، هيٺ مٿي ۽ سڄي ڪپي ۾،
سڀ منجهه صورت سيئن، پوءِ به پڇين ٿو تہ ڪهڙو آهيان.

هر مظهر ۾ ظاهر باطن، هر جاءِ هر هنڌ ثابت ساڪن،
توکي سمجهايان ڪيئن، سمجهه ڪٽي تو جهڙو آهيان.

گهور حسن جي "خاڪي" گهايس پاڻ تي عاشق بنجي آيس،
هوڪو هلايم هيئن، تہ نينهن وارن لاءِ نيڙو آهيان.

❖

(3)

آئون عشق عجب اڪسير آهيان،
هن خواب جو ڳجهه تعبير آهيان.

ڪٿ ذات صفات ۾ ظاهر تي، ڪٿ مخفي خيال جو ماهر تي،
ڪٿ سوز ڪٿي هڪ ساحر تي، ’ڪُل شيءِ‘ تيو تہ قدير آهيان.

ڪٿ دين فقه اسلام آهيان، ڪٿ واهہ گُرو هر نام آهيان،
ڪٿ نازڪ ناز خرام آهيان، ڪٿ پير امير فقير آهيان.

ڪٿ ظالم جابر ڳلوڙُ آهيان، ڪٿ مظلومي مشهور آهيان،
ڪٿ شهنشاهہ شهزور آهيان، خود خيال ڪٿي ڪنڌ ڪير آهيان.

ڪٿ آڙهہ ڪٿ گلزار آهيان، ڪٿ دُلدُل تي هسوار آهيان،
ڪٿ "خاڪي" خبروار آهيان، ڪٿ خاڪِ مٿيءَ جو ڍير آهيان.

✣

(4)

هي پڪي آ پرت وارو ٻڌ انهيءَ جون ٻوليون،
پاڻ کي پاڻهئي لڪائڻ لاءِ چاڙهيئين ڪئين چوليون.

’ڪنت ڪنزاً مخفيا‘ مان، عشق لايون الوليون،
هن سبب هڪڙي ڪٽي هت، حسن لايون هوليون.

سڪ ڪٺي اهڙو ستايس، چوهه مان ڏئي چوليون،
سپ وَسايئين سر متي هي، جل جنجل جون جهوليون.

چولي چولي ۾ تو ٻولي، منڙيون منڙيون ٻوليون،
جن ٻيائيءَ ريءَ ٻُڌِيون، خبرون تنين هي ڪوليون.

جان ڪٺي "خاڪي" جسم ۾، هيءَ ڳجهارت ڳوليون،
پاڻ سائين پاڻ ٻانهو ٻِيَو لتا ٻُلَ پوليون.

✣

(5)

ڏاڍو عشق آهين شهزورو توں نالي نام ڪلورو
نيٺ تہ مون کي ناںءَ چڙهائي، ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

گهٽو لڪيس پر ڪين لڪائي هتان حسن جي قيد ڪرائي
ڳولي ڳولي ڳچيءَ پارائي، ڏاهَپ سان هي ڏورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

هَنيو حسن جا ڏنگ ڏُورائين، عاشق بيٺو قتل ڪرائين،
ازل ابد کان اهڙو آهين، ظالم زابر زورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

عشق منڍيئي اهڙا منڊ مانڊاٽا، ڪن لاءِ سوري ڪن لاءِ گهاٽا،
توکي سڃاڻن سالڪ سياڻا، بلڪل ناهين پورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

عشق مچايئي محبت ميڙا، رمزن وارا رنگ اويڙا،
جن جا توسان 'ونحن' ويڙها، توں بہ تنين جو گهورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

عشق الاهي آهين امانت، دل جي صفائي پاڪ محبت،
صبر صداقت روحي رغبت، ساک سان آهين سدورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

آيون آيون جيءَ ڪري آيون، جيءَ ۾ جوڙيم تو لاءِ جايون،
مون تي تنهنجون پال پلايون، آهين نور نسورو
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

"خاڪي" پتلو خاڪ مان جوڙيو تنهن ۾ وينو خيمان کوڙيو
لامڪانئون مُنهڙو موڙيو مڪان مڪين ٿئين 'پنجمورو'،
ڏياريئي شهر ڍنڍورو!

❖

(6)

هلي آءُ سھڻا، گھڙيون گڏ گذاريون،
ملي ھڪبئي سان، دلڙيون تہ ٺاريون،

غمن ۾ پئي گذري، منھنجي حياتي،
ويا غم وڪوڙي، سنگتي نہ ساٿي،

ڪنيم تنھنجي خاطر خلق جون خواريون،
مندون موٽي آيون، آئين ڪين جاني،

تڪي راھون تنھنجون، وڃايم جواني،
سڄيون راتيون سڪ ۾ ڪيان روئي زاريون،

ھتي ھيڪليءَ کي، ڇڏي ڇو وئين تون،
خفا ڇنہ ٿيلا ڇو مون کان ٿئين تون،

ڪيئي جيڪي ڳالھيون پرين تو نہ پاريون،
خطادار "خاڪي"، تنھنجو يار ياڪي،

نيائج تنھين سان، آھي دم جو باقي،
رڳو ياد رھنديون يارن جون ياريون،

❖

(7)

ڏاڍي يار سڄڻ لَنءُ لائي،

اسان سان لائي توڙ نڀائي.

اسين عالي موالي سوالي، آهيون ڀال سندس جا ڀالي،
سوز سڪڻ جي سڏيو ڏئي تو سُرڪي روز سوائي.

هو پياري پُر پئمانا، تو موهيو ڪري مستانا،
انهيءَ مستيءَ جي مئخاني منڊل ۾، مستن موج مچائي.

هتان عشق عجب عاليشان مليو روز ڏڏن کي ڏان مليو
هتان حال وارن کي حال مليو هتان مليو صبر سچائي.

آهي ساڳي ’عليءَ‘ جي صورت، آهي ساڳي ’نبيءَ‘ جي سيرت،
صورت سيرت ساڻ سدائين، آهي هڪو هڪ جائي.

هي ”خاڪي“ چولو پائي، آيو پنهنجو پاڻ لڪائي،
صحيح سچاتم ثابت سر کي، پاڻئون گيئين پڌرائي.

✣

(8)

منهجي مٺي سجڻ جا، نت ناز سڀ نيارا،
رمزون عجب عجائب، رنگ راز سڀ نيارا.

هر جاءِ سو وسي ٿو هر ڪي تہ سو ڏسي ٿو
پاڻ ئي پنهنجا پسي ٿو پرواز سڀ نيارا.

'ونحن' ۾ پائي ويڙها، لائي ٿو جيءَ ۾ جهيڙا،
اهڙا اٿس اويڙا، انداز سڀ نيارا.

جامان سوين ڏيکيائين، ڪيڏي نہ لڪ ڪيائين،
آهي اهو ئي سائين، سُرَ ساز سڀ نيارا.

"خاڪي" خيال ڪولي، پس يار ڪي وڙولي،
هر جاءِ هو ٿو ٻولي، آواز سڀ نيارا.

❖

(9)

اسان جو رهبر آهين، اسان جو هادي آهين،
سڀ تنهنجا دامن گير، منهنجا دلبر ماه منير.

سيد توکي سوال ڪريون ٿا، روئي روئي حال ڪريون ٿا،
ڇڏيو بدلائي تقدير، منهنجا دلبر ماه منير.

آهين نبيءَ جو آل پيارو ساڳي صورت سيرت وارو
ساڳي تون تصوير، منهنجا دلبر ماه منير.

’جهنڊي وارا‘ تنهنجو نعرو هر جاءِ حق حقيقت وارو
صاف سچو تفسير، منهنجا دلبر ماه منير.

"خاڪيءَ" جهڙا تنهنجا گولا، اگلا سگلا، ٻالا ڀولا،
ڦيريدار فقير، منهنجا دلبر ماه منير.

❖

(10)

دل تي چوي جو دم جيئان،
توتان متا صدقي تيان.

ساهه سر ۽ جسم سارو، ۽ اجان سڀ مال زر،
جنهن گهُور سان گهائي وئين، تنهن گهُور تان گهوري وڃان

محفل هجي مخفي متل، ۽ تون هجين ساقي سندم،
تو هٿان ڪو پرت جو پيالو پيارل پُرُ پيان.

ميخ محبت جي هٽي، مخمور تو مون کي ڪيو
مست مان تو تي تيس، جو مُرڪ سان ماريئي ميان.

آهي "خاڪي" آرزو هي پرت شل پوري پُري،
واعدا وفا جا جي ڪيم، پورا تين تنهنجي اڳيان.

❖

(11)

کهڙو نہ اتم ڀاڳ، جو مليو سجن سجن،
ڏسندي ئي ڏسندي جنهن کي، ٿيان ٿو ڇڪن ڇڪن.

ٻڏندو هيس ٻين کان، صفت تنهنجي حسن جي،
توکي ڏٺم تہ ٿي ويس، مست و مگن مگن.

جيڪي اڳي ڪيائين، سچائيءَ جا قول ڪي،
پاريا سي مون سان پيارل، پنهنجا وچن وچن.

تنهنجي حسن جمال جو ڪونهي مثال ڪو،
توسان ڇو ڀيٽ ڪريان، جنت عدن عدن.

هيڏو ڪرم عنايت، مهر و سخا وفا،
ڪهڙو ڳڻي ڳڻيندس، تنهنجو مان ڳڻُ ٻڳڻُ.

سوسن، سنبل، صنوبر، توڙي ڪنول، گلاب،
تن کان نفيس نازڪ، تنهنجو بدن بدن.

"خاڪيءَ" ۾ ڪڏهن مخفي، ڪڏهن تو عيان ٿئي،
جلوو جمال تنهنجو ۽ جوهر جشن جشن.

❖

(12)

منهنجو شاهه حيدر سيد آ سهارو
دم قدم آ جنهن جو گُلن کان قرارو.

حمايت، هدايت، سخاوت، سچائي،
نبوت، امامت انهيءَ گهر تي آئي،
شرف شاهه شاهان، وڏي شان وارو.

ٻَ بالا ببَر نَر برابر بهادر،
نبي پاڪ نِرمل جو حيدر برادر،
ڪٽيئين ڪوٽ خيبر، هڻي حق جو نعرو.

دران تنهنجي سوالي، وريو ڪين خالي،
جو آيو تي عاجز تيو مالا مالي،
ٻُرن سان ڪري تو پلايون پلارو.

اڙين عاصين ۽ هيڻن سان آ حامي،
ڪري ڪوجهڙن سان محبت مدامي،
ڪندو سوئي نرمل نگهه ناميارو.

عجب راز 'اعجاز' جي رنگ رچايو
خوشيئون خيال "خاڪيءَ" سان لڇپال لايو
پسائيندو پنهنجو سو پل پل پسارو.

✣

(13)

جنهن يار کي دلڙيءَ پيار ڪيو
سو هاءِ زماني ڏار ڪيو.

ڪنهن ٿي چيو تہ منهنجو آهين، ۽ ڪنهن کي پنهنجو سمجهيم ٿي،
دم سان پنهنجي دم کي ملائي، دل جو محرم سمجهيم ٿي،
سو جاني ٿيو اڄ مون کان جدا، انهيءَ درد اٿم لاچار ڪيو.

سک جي نہ گهڙي ڪا سنيران تو دک درد گهڻو ياد اٿم،
هڪ يار کپي، بس يار کپي، دل تي سدا فرياد اٿم،
ڏوهہ تہ دل جو آهي پل، جنهن کي اکين چئي اظهار ڪيو.

دل جي تمنا دل ۾ رهي، آباد چمن برباد ٿيو
هاءِ نہ قسمت ساٿ ڏنو فرياد ٿيو پر داد نہ ٿيو
چئڻ تہ پلا ڪيئن دل سرچي، آ برهہ جنهن کي بيمار ڪيو.

ٿي "خاڪي" هرگز ڪين خفا، پيو سهج ستم ۽ جور و جفا،
لاءِ توڙ نباهڻ جو هي آهي رستو ڪر پيو وفا،
رهج انهيءَ جو خادم، جو پهرين تو اقرار ڪيو.

❖

(14)

تنهنجي رمز رانجهن، ڏاڍو رنگڙو لايو
ڏسيائين ڏکيءَ کي، سبق سڀ سجايو.

تنهنجي نظر جي هڪڙي اشاري،
چڙيو مئل دل کي ٻه جهٽ پٽ جيئاري،
محبت جو تو من ۾ مچڙو مچايو.

اکيون اکين سان ڳجهي ڳالهه ڪن ٿيون،
هي راز رمزون پرَ ۾ پسن ٿيون،
نظر جي نظاري نرمل نچايو.

عجب هي لڳي ٿو ڏسي روپ رنگ کي،
ڇڏڻ لاءِ ڇڏيوسون پنهنجي نام ننگ کي،
سچي صوفي سُنگ کي تنهنجي گهور گهايو.

تنهنجي سام اي ڇام! هيڪر جو ايندو
قسم آ خدا جو وري ڪين ويندو
ڪرين قيد دليون پڪا پيچ پايو.

لقب لوڪ لائي الائي ڪهڙا ڪهڙا،
خوشيئون "خاڪيءَ" سر تي ڪنيا جليون جهيڙا،
پلي پال ڪيڙا ٿيو لايو سجايو.

❖

(15)

من موهن منهنجا پيارا،
تنهنجي درد ڪئي دل چري چري

پرچ پرين ڇڏ ماڻا مون سان، البيلا ارڏائي،
هيئن نہ جڳائي حب وارن سان جانب ڪرڻ جدائي،
منهنجي ڪانہ سري موچارا، ڪيئن تنهنجي مون ڪان سري سري

ڏينهن ڏکن ۾ راتيون گذاريان، ويڙهُ حال سيوئي،
آءُ تہ توسان اوريان ڳالهيون، ٿرسُ پرين ڪر ڪوئي،
تو روئان ليل نهارا، سونهارا ويندس مري مري

عشق اندر ۾ خيما کوڙيا، سمجھ وڃايم ساري،
بار برهہ جو سر تي آيم، چايم خلق خواري،
ڏک سور ڏنا ڏيکارا، دل ڳارا ڏيئي ڳري ڳري

هي سر "خاڪيءَ" جو آ حاضر، قدمن تان قرباني،
جان جگر ۾ جيرا بکيون، محب ڪيا مهماني،
سئو وار ٿيان بلهارا، دل وارا توتان وري وري

✤

(16)

هلي آ تون سڄڻ يار اوري،

سئو بار ڏيان سر گهوري

تون جي اچين ڪري پال پلايون، جيءَ منجهه جوڙيان تولاءِ جايون،
ڏيان ماس هڏن تان ڪوري، سئو بار ڏيان سر گهوري

هجر ۾ حال ڪيا اُتم هيڙا، تنهنجا پور بہ ياد اچي هن پيڙا،
وڏي جان جدائيءَ جهوري، سئو بار ڏيان سر گهوري

اڪيون اکين سان عين اڙائي، مرڪي مخفي مار ملائي،
وئين چاڪ چريءَ جا چوري، سئو بار ڏيان سر گهوري

"خاڪيءَ" کان ڇڏ کهڙي خطا تي عشق محبت توکان عطا تي
ڏينهن رات ڏکن سان پيو ڏوري، سئو بار ڏيان سر گهوري

❖

(17)

دم گهار ويهي دل وارن سان،
ڪر پيار سدا تن پيارن سان.

تون ڏار جيڪي دم گهارين ٿو سي سمجھ تہ يار وسارين ٿو
جي پنهنجو پاڻ جيارين ٿو پوءِ جيءُ بہ جيءَ جيارن سان.

تانگھ رکين ٿو جن جي تن ۾، ماڻج سيئي ماڻڪ من ۾،
رھ تون پورو پنهنجي وچن ۾، سڄڻن جي تہ سهارن سان.

دنيا اٿئي درياءُ سيوئي، جيڪو آيو سوگهو سوئي،
هن مان پار پوي ٿو سوئي، تار تري جو تارُن سان.

جي لائي ويا سي ڳائي ويا، ۽ ناتو توڙ نڀائي ويا،
سڀ سالڪ سر سمجهائي ويا، اسرارن سان ۽ اشارن سان.

"خاڪي" خيال خوديءَ جا ٻوڙي، نجس نانگو نفس نهوڙي،
'وَنحنُ اَقرَبُ' ووڙي ووڙي، يڪدل ٿي رھ يارن سان.

✣

(18)

روئي روئي ڪيا مون هيٺا حال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.
راتو ڏينهان مون کي آ قال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.

لِڪِي لَنئُڙي تو سان آ مون لائي، پلا سهندس ڪيئن ايذي جدائي،
جر هارن اکيون تيون جال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.

ساري دنيا گذاري سکن ۾، هڪ مان تو گذاريان ڏکن ۾،
لهہ سهڻا سڄڻ ڪا سنيال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.

مون دامن جهلي آه تنهنجي، سوا تنهنجي ڳلي ناه منهنجي،
منهنجا محبوب مهتاب مثال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.

خوش "خاڪيءَ" سان رهہ تون سدائين، ناتو پنهنجو توڙ نيائين،
ڪر پنهنجا پلايون پال، سڪندي تو لاءِ سال تي ويا.

✣

خاکيءِ سندوخيال

غزل

(1)

يا رب! معاف مون کي، منهنجي خطا ٿئي،
نُورُ الهُديٰ جي صدقي، مون تي شِفا ٿئي.

لمحات زندگيءَ جا، گذريا گناهه ۾،
مشڪل ڪشا جي صدقي، گُل ئي ڪشا ٿئي.

آزاد ٿئيم دل هيءَ، دنيا جي رنج و غم کان،
بيمار دلِ جي داتا، آخر دوا ٿئي.

منڪر نڪير آڏو آهي جواب ڏيڻو
مون کان نہ لحد ۾، هرگز پڇا ٿئي.

جيئري ڪراءِ زيارت، مرسل مٺي جي مون کي،
پنجتن جي واسطي هيءَ، پوري صدا ٿئي.

صبر و قرار ايمان، "خاڪيءَ" کي ڪر عطا تون،
هر حال خيال حاصل، تنهنجي رضا ٿئي.

❖

(2)

آلِ رسول اطهر، 'اعجاز علي'[1] آهي،
هر دم حضور حاضر، 'اعجاز علي' آهي.

خاموش فقر ان جو گفتار ۾ هدايت،
معنيٰ ۾ مخفي ماهر، 'اعجاز علي' آهي.

آهي امام حق جو حق جي ڏنئين گواهي،
پورو حقي پيامبر، 'اعجاز علي' آهي.

وعدي وفا ۾ پورو، سخنات ۾ صداقت،
دل جو سخي دلاور، 'اعجاز علي' آهي.

ڪافي ڪلام سارو پرپور اٿس برهه سان،
عاشق بليغ شاعر، 'اعجاز علي' آهي.

مرندا نہ مرد مُورهون، 'موتو' مري جيا جي،
ناتي ڪيو نشابر، 'اعجاز علي' آهي.

صوفين جو سرگرو آ، وحدت وجود قائل،
صادق سدائين صابر، 'اعجاز علي' آهي.

ناصح نظر ملائي، ماڻي مشاهدو ڏس،
والله سو سراسر، 'اعجاز علي' آهي.

صلو عليہ وآلہ صلوات پڙهه سيد تي،
سيد جو خود ثناگر، 'اعجاز علي' آهي.

سڀ ساڻ پرت پاري، سڀ سان ڪري چڱائي،
وارث ولهين جو واهر، 'اعجاز علي' آهي.

"خاڪيءَ" جو پيشوا ۽ "خاڪيءَ" جو رهنما سو
"خاڪيءَ" جو يار ياور، 'اعجاز علي' آهي.

❖

---

[1] . سنڌ جي نامور، مشهور ۽ معروف صوفي شاعر، پير محي الدين شاهه عرف اعجاز علي شاهه راشديءَ ڏانهن اشارو آهي (مرتب)

(3)

عشق سادو آ وکر 'اعجاز' جو،
سڪ، سچائي ۽ صبر 'اعجاز' جو.

موت کان اڳ ۾ مري جيڪي جيا،
تن ۾ نالو آ امر 'اعجاز' جو.

فلسفي 'اعجاز' ۾ جو ٿيو فنا،
سو سڃاڻي ويو فڪر 'اعجاز' جو.

پارسا ڏس تون پروڙي پرت مان،
برھہ وارو ھي بحر 'اعجاز' جو.

نينھن جي، نالي ۽ ناتي ۾ سدا،
ھر گھڙي، ھر جا ذڪر 'اعجاز' جو.

سخندانن سخن پڙ ڪي، ھينئن چيو
سوز آ سارو شعر 'اعجاز' جو.

آئينہ دل ۾ ڏٺم پائي لِيو
قلب تي قائم نظر 'اعجاز' جو.

خون منھنجي مان ڦڙو ڪرندو جتي،
اُتِ آوَسِ ٿيندو اکر 'اعجاز' جو.[1]

حال جو آ ڪال يارو ان ڪري،
"ياد آيو اڄ سفر 'اعجاز' جو."!

مرحبا صد مرحبا! جو اڄ ملي،
قرب وارن ڪيو قدر 'اعجاز' جو.

در ڏٺي "خاڪي"! دعائون پيو گھران،
شل رھي سرھو سگر 'اعجاز' جو.[2]

❖

---

[1]. مصرع طرح
[2]. 26 سيپٽمبر 1998 ع تي پير سائين محي الدين شاھہ "اعجاز" راشديءَ جي ياد ۾ مٽياري شھر ۾ محترم جناب غلام مجدد سرھنديءَ ھڪ طرحي مشاعرو ڪرايو ھو جنھن ۾ بابا سائين جن اھو مٿيون شعر پيش ڪيو ھو.

(4)

اڄ نگاهِ ناز دل ۾، هڪ بپا محشر ڪيو
اڳ نہ مون تي اهڙو محب ڪو منتر ڪيو.

ويو ڏَڪي دلبر دونالي سان، دل ڏڙڪي پئي،
غمزه ناز و ادا جو ساڻ، تنهن لشڪر ڪيو.

عارضِ جانان تي جڏهن، زلف عنبر نڪريا،
خال خط مخفي ڪري، تن آ گهٽو مضطر ڪيو.

ناتوانن کي نوازي، ٿو نظاري نظر سان،
ناز پرور يار جي، نت ناز آ نوڪر ڪيو.

لال رخ لالڻ جي کي ڪيئن، لعل سان تشبيهه ڏيان،
مون شاهِ خوبان سان سڄڻ، رشڪِ چمن دلبر ڪيو.

اشڪ اکين جا سُڪي ويا، تہ بہ ڏسڻ لاءِ آتيون،
دل نہ پورو دلربا جي، درد جو دفتر ڪيو.

خود خدا آ عشق ڪيو ۽ عشق آ راهِ خدا،
پيشوائي لاءِ پنهنجي، سو اتم رهبر ڪيو.

برزخِ ابروءِ جانان کي، بنايم سجده گاهہ،
عشق جي اسلام جو مون، حج اهو اڪبر ڪيو.

درد واري جو دارون، دم بدم ٿيو دلربا،
دين دنيا ۾ ڏٺي سو دل آهي داوَرُ ڪيو.

جنهن جي دروازي مٿي، سائل سڪندر ٿو ڏسان،
تنهن سواءِ ڪنهن کي نہ پنهنجو يار مون ياور ڪيو.

دست دامن ۾ وجهي آ، دل اکين معراج ڪيو،
مون عروجي ۽ نزولي، سير سڀ آ سر ڪيو.

صد هزاران ويس سان، آيو سڄڻ سينگارجي،
دل اندر جي دائري سو ميم آ محور ڪيو.

هي عنايت ۽ عَفُو ڪيو نذر آ الف جي،
جان و دل منهنجي جگر ۾، جنهن جذب جوهر ڪيو.

جو نہ ڏسجي هن ڏسڻ سان، ۽ لڪو آ سڪ ڪٺي،
خاڪ جي چولي ۾ "خاڪي". پاڻ تنهن مظهر ڪيو.

❖

(5)

گذاريم يار سان گهڙيون، گهڙيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟
دليون هئي قرب ۾ ڪڙيون، ڪڙيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

نہ ڪا مون جَنِ، نہ ڪا مون ڪَنِ، پري ڪان ئي پسڻ سان بس،
اکيون از خود وڃي اڙيون، اڙيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

ڪيم حيلا هزارين پر، اکيون ڦاٽيون الائي ڪيئن،
لڪي لوڪئون وڃي لَڙيُون، لَڙِيُون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

وڇوڙي يار جي ۾ دل، ڪري پئي روز شب پل پل،
رهگو دانهون رهگو رڙيون، رڙيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

لڳي لنئون لنئون اندر لوري، اکين ماريو زوران زوري،
جُڙي جڙ جيءَ ۾ جَڙِيون، جَڙِيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

حقيقت هيءَ سُڻج "خاڪي"، رهگو هڪ دل نہ تنهنجي پر،
سوين سڪ ۾ دليون سڙيون، سڙيون اهڙيون جو ڇا چئجي؟

❖

(6)

يارِ جانان جي جدائيءَ ۾، اتم ڏيو غم نصيب،
نت اکين مان نير هاري، روڄ رَنج هر دم نصيب.

ڪيترين ڳوڙهن ڪيون تم، پر نہ پيون ڳلَ تي قريب،
ڪين سي سهڻي سُيون، شايد تہ آهيان ڪم نصيب.

اي صبا! اڄ يار کي، ڏج هي نياپو بار بار،
هجر تنهنجي ۾ هميشہ، مون کي آ ماتم نصيب.

ساقيا! تنهنجو هجي، آباد مئخانو مُدام،
تو هٿان هر هر ٿئي شل، جُزءُ جام و جم نصيب.

تو ڏنو جنهن کي بہ قطرو پنهنجي جود و ڪرم ساڻ،
تنهن کي جڻ آهي عطا ٿيو عشق جو قلزم نصيب.

سَوَ يلي حيلا بہ ڪن پر، آ نہ ڪنهن جي اختيار،
ياڳ سان ڪنهن کي ٿئي تو دلبريءَ جو دم نصيب.

دل اندر جي دائري ۾، درد جو دونهون ڏکاءِ،
پوءِ پڪ سان توکي ٿيندو سو پرين پُرنم نصيب.

مَڄُ مَچائي من اندر ۾، برهہ واري باهہ ٻارِ،
عشق سان ”خاڪي“ ٿئي تو پيار جو پرچم نصيب.

❖

(7)

چا چوان محبوب جو رخ، آهي مثل م. هـ.
م. هـ جي وچ ۾، لالائي گهڻي ڪئي ل. ب.

زلف زهري دار ظالم، جنهن وقت ڇوڙيا تو ڇڏيا،
رخ مٿان ڇڻ آئيو بس، غ. ل. الف. ف.

هاڻي رخسارن وري، نئون رنگ لايو هيو دفعو
ها ڇٽڪ لالاءِ گل يا. گ. ل. الف. ب.

ا. ب. ر. و سان، گهائي سڄڻ مون کي وڏو
وهوا تلوارون جاڙيون، جن ڇڏيو ق. ت. ع. ي

التجا توکي ڪريان تو آفتابِ دو جهان،
آسري تنهنجي تڳي پيو "خ. الف ءِ ڪ. ي".

❖

(8)

ڪنهن سخت صنم سان مون، وجي ناتو لايو آ.
سمجهي ٻ نہ تو سگهجي، ڇا هن جو رايو آ.

مجبور گهڙيون جيڪي، گذرن تيون جدائيءَ ۾،
تن ويتر سيني ۾، گهڻو درد وڌايو آ.

تصور ۾ ڏسان وينو هر وقت سندم دلبر جو،
تصوير وئي بنجي، دل مون ڪي ٻڌايو آ.

دستور آهي اهڙو محبت جي رستي جو،
ڏک سور سواءِ ٻيو ڪي، ڪجھ ڪنهن نہ پرايو آ.

اي بادِ صبا منهنجو وجي يار ڪي نياپو ڏي،
ناشاد عاشق ڪي تو ناحق ڇو ستايو آ.

رک هوش صبر "خاڪي"، ڪر ڪيم رڙيون دانهون،
بي درد اڳيان روئندي، اهو روئڻ اجايو آ.

❖

(9)

مٺي محبوب جي محفل، ڏسڻ گهرجي، ٻڌڻ گهرجي،
رهي خاموش خوش دل تي، اچڻ گهرجي، وڃڻ گهرجي.

ڪڏي ڪيني ۽ ڪلڪل کي، مَحوُ تي ٻُڌُ تون محفل کي،
هتي حاضر ڪري دل کي، ڏيڻ گهرجي، وٺڻ گهرجي.

امر ۾ آشڪارو تي، حقيقت حال وارو تي،
سراپا صاف سارو تي، اٿڻ گهرجي، ويهڻ گهرجي.

ڇڏي دارالفنا جو ڏرُ ڪري اثبات سارو سر،
'موتو قبلل' مري هر هر، مرڻ گهرجي، جيئڻ گهرجي.

ادا "خاڪي"! نہ وجهہ گهاري، اٿئي هيءَ مهل موچاري،
ڪري سر گهور لک واري، سٽڻ گهرجي، ڪٽڻ گهرجي.

✣

(10)

واه جو ٻَڻُ بڻايو اٿئي، تورو لکن جو لايو اٿئي،
ذات ظهورو ظاهر باطن، صورت منجهه سمايو اٿئي.

'خَلَقَ الآدمِ عَليٰ صُورتہٖ'، اصلئون نقش ٺهايو اٿئي،
'وَنَفَخۃُ فيہِ مِن رُوحي' سان، ڏس ثابت تنهن ۾ پاڻ پسايو اٿئي.

مخفي مامون مهميزون ڏئي، هي سارو سر سمجهايو اٿئي،
ڳولڻ وارن ڳولي ورتو، جيڪي ڳجهڙو ڳالهايو اٿئي.

جيڏهن ڪيڏهن جلوو تنهنجو واه جو رنگ رچايو اٿئي،
هر جاءِ آهين حاضر ناظر، سڀ سان نينهن نڀايو اٿئي.

'اِنَ مِن شيءٍ اِلا يُسَبحُ'، فرقان اندر فرمايو اٿئي،
"خاڪي" چوي اندر ٻولي، وهم گمان وڃايو اٿئي.

❖

(11)

مست مون مهجُور کي، ڇو ڇُڙِ ڪري ڌا ڇوريو
جل جنجل واري جيئڻ آ، جيءُ منهنجو جهوريو.

جيڪي لکجي ويو ازل کان، سو پيو ڀوڳيندس اڃان،
نِنڊپڻ لاڪون وتي مون، ڏک گهڻو آ ڏوريو.

رکڻ ناتو آه سَوَلو پر نڀائڻ آ ڏکيو
مون سندس ناتي ۾ نالي، جو سڳو آ سوريو.

جيئن وَڻي محبوب کي آ، تيئن وَڻي مون کي بہ آ،
پل تہ هو راضي رهي، گهَرُ سِرُ وتان ٿو گهوريو.

مون ڇڏيا دنيا سندا، سڀ آسرا اوسيئڙا،
دوستو! مون ساڻ رشتو توڙيو ڪين توريو.

جنهن جو ٻج آ ٻاجهہ سان، پسُ پرينءَ منهنجي پوکيو
سو سلو سائو سڄو ٿي، محبتي وڻ موريو.

ڪو چوي "خاڪي" چريو آ، ڪو چوي آهي ڪريو
مون تہ پنهنجو حال جذبي، عشق سان آ اوريو.

❖

خاڪيءِ سندو خيال

(پي ڊي ايف) ٺاهڻ جي سعادت ماڻيندڙ

فقير شفيق الزمان جمالي

فون..03434701253

Email..sjamali517@gmail.com

گلزار علي "مسافر" ولد محمد وارث مهيسر 12 اپريل 1967ع تي ڳوٺ 'پنجموري' تعلقي نيو سعيد آباد ۾ تولد ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پرائمري کان پوءِ اٺين جماعت تائين گورنمينٽ مڊل اسڪول پنجموري (مشتاق آباد) ۾ پڙهيو ان بعد گورنمينٽ پرووشنلائيزڊ هاءِ اسڪول سڪرنڊ مان 1983ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان بي گريڊ ۾ پاس ڪيائين. سروري اسلاميه گورنمينٽ ڊگري ڪاليج هالا مان انٽر جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان خانگي طور 1989ع ۾ بي اي ۽ 1993ع ۾ ايم اي (اقتصاديات) جا امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

هُن 1989ع ۾ تعليم کاتي ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر جي حيثيت سان ملازمت جي شروعات ڪئي. 1995ع کان ايڇ ايس ٽي طور ڪم ڪندو رهيو آهي. هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول مشتاق آباد ۾ استاد آهي. ملازمت دوران 1995ع ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان بي ايڊ ڪيائين. 1997ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان ايم ايڊ جي ڊگري فرسٽ ڪلاس ۾ حاصل ڪيائين.

پاڻ ننڍپڻ کان وٺي پنهنجي چاچي محمد صالح "عاشق" پنجموريءَ جي تربيت ۽ رهنمائيءَ هيٺ رهي رهندو ٿيو. نهايت ئي نيڪ انسان دوست، علم دوست، خوش طبع ۽ پر اثر شخصيت جو مالڪ آهي. مطالعو سندس پسنديده مشغلو آهي. تاريخ، ادب ۽ تصوف سندس پسند جا موضوع آهن. "بزم اعجاز" نيو سعيد آباد سان واڳيل آهي. هي ڪتاب سندس پهرين ڪاوش آهي جو سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب جو هڪ قابل قدر اضافو آهي.

— بشير احمد [illegible]